# ڪاري رات ڪُھنگ

(بيت ۽ وايون)

## شيخ اياز

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1998ع

.،ROSHNI BOOK NO. 126

ڪتاب جو نالو: ڪاري رات ڪُهنگ
شاعر: شيخ اياز
ڇاپو پهريون: © روشني 1998ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي، فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنديارو
قيمت: 100.00 رپيا

***KARI RAT KUHUNG***

Sindhi Poetry by: **Shaikh Ayaz**

Composed by: Habib Qadir Qureshi
Printed by: Fine Communication Hyhderabad.
Published by: Roshni Publicatian Kandiaro
First Edition © 1998

## انتساب

مان هاڻي شاعري ڪري ٿڪجي پيو آهيان. ايتري گهڻي شاعري هن وقت تائين دنيا جي ڪنهن به شاعر گذريل ٻن هزارن سالن ۾ ورلي ڪئي آهي. ان ڪان پوءِ اڃان شاعريءَ جا ٻه ٽي ڪتاب اڻ ڇپيل آهن. مان پنهنجي منظوم شاعريءَ جي پوئين ڪتاب "پوپٽ جا پر مينهن ۾" ۽ نثري شاعري "ڪيئي پيرون پاند ۾" کي ترتيب ڏئي، پنهنجي آتم ڪهاڻي ۽ شاهه لطيف جي زندگيءَ تي ناول پورو ڪرڻ ٿو چاهيان. مان هن ڪتاب جو انتساب پاڻ ڪان پوءِ واريءَ ٽهيءَ جي وڏي ۾ وڏي شاعر

تاجل بيوس جي نالي خلوص ۽ محبت سان ڪيان ٿو.

شيخ اياز

20 سيپٽمبر 1998ع

# پبلشر پاران

شيخ اياز صاحب جڏهن پنهنجا ڪتاب اسان جي اداري، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران ڇپرائڻ لاءِ نياپو موڪليو تڏهن اهو نياپو آڻيندڙ دوستن، ادل سومري ۽ رکيل مورائيءَ سان مون خوشيءَ جو اظهار ڪندي کين چيو تہ مان پاڻ اڳ ئي اياز صاحب سان ملڻ پئي چاهيو، جو آءٌ چاهيان ٿو تہ اداري پاران اياز جي سموري شاعريءَ کي صنفوار سهيڙي ڇپرائي پڌرو ڪجي، تہ جيئن انهن ڪتابن جي اياز جي حوالي سان سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ الڳ سڃاڻپ رهي.

پر ان لاءِ مون کي ٿورو وقت گهربل هو. مون عرصي کان ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ اداري وٽ پيل ڪتابن کي پهريان ڇپرائي پڌرو ڪرڻ پئي گهريو. جيئن انهن سڄڻن کي شڪايت نہ رهي جيڪي ڪافي عرصو انتظار جي عذاب مان گذريا آهن. ان وچ ۾ آءٌ اياز صاحب جي شاعريءَ کي صنفوار ترتيب ڏيارڻ شروع ڪرايو ۽ سوچيم تہ هڪ ڏينهن اوچتو وڃي کيس وٽ سهيڙيل ڪم سميت حاضر ٿيندس، پر اڃا سنڌس شاعريءَ کي سهيڙڻ وارو ڪم هلندڙ هيو تہ اوچتو اياز تي موت واقع ٿيو.

ان بعد ١٨ جنوري ١٩٩٨ع تي سائين محمد ابراهيم جويي سان ملاقات ڪري، کيس اڳيان اياز جي سهيڙيل شاعريءَ جو خاڪو پيش ڪيم تہ اسان اياز جي شاعريءَ کي هن طرح ترتيب ڏياريو آهي:

**اياز جا گيت- اياز جا غزل- اياز جا نظم**

۽ ان طرح ٻيون صنفون. اسان چاهيون ٿا تہ پنهنجي اداري پاران اياز جي شاعريءَ کي ان ترتيب سان ڇپرائي پڌرو ڪريون. ان سلسلي ۾ جويي صاحب سان رابطي ۾ آهيان، پر وچ ۾ مانواري تاجل بيوس وٽ وڃڻ ٿيو تہ ڳالهيون ڪندي ڪيائين، تہ مون وٽ اياز جو هڪ اڻ ڇپيل ڪتاب ڪمپوز ٿيو رکيو آهي، جو مون ڪاٿس پنهنجي اداري پاران ڇپائڻ لاءِ گهريو تہ نہ رڳو هن ئي ڪتاب بلڪ اياز ۽ پنهنجي اڻ ڇپيل هائڪن تي مشتمل هڪ ٻيو ڪتاب بہ منهنجي حوالي ڪيو، جنهن لاءِ آءٌ سندس ٿورائتو آهيان.

اياز جو هي ڪتاب "ڪاري رات ڪُهنگ" ۽ ان بعد اياز ۽ تاجل بيوس جي اڻ ڇپيل هائڪن تي مشتمل ڪتاب "پکي ساڳي پار جا" پڙهندڙن اڳيان پيش ڪندي اسان جڻ اياز جي اُن سڏ کي ورنائڻ طرف وک کنئي آهي.

**پبلشر**

# متان وسارجو

دنيا جو هر اديب، ليکڪ، شاعر ۽ دانشور جو ڪجهه سوچيندو ۽ سجهندو آهي ۽ جو ڪجهه سندس دوررس نگاهون ڏسنديون آهن، انهن کي پنهنجي عوام جي امانت ڇاڻي، اهو سڀ ڪجهه لکندو آهي. تقريرن ذريعي پنهنجي دور جي عوام کي پڌائيندو ۽ سمجهائيندو آهي. خوشنصيب هونديون آهن اهي قومون جن جي ڌرتي اديبن، شاعرن، فنڪارن ۽ دانشورن جي آبياري ڪندي آهي ۽ ڌرتيءَ جي ڪک اهڙن اديبن، شاعرن ۽ دانشورن کي جنم ڏيندي آهي، جيڪي ڌرتي، ان جي ٻوليءَ ۽ ان جي قوم کي تاريخ ۾ امر بڻائي ڇڏيندا آهن. جڏهن سنڌ جي ڌرتيءَ تي ڌارين جي يلغارن ڪري، هن ڌرتيءَ جي ٻولي، مور جي ٽور تي ڀنيلجي، ڪانءُ ٻڄي وئي هئي، تہ ان دور ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ پنهنجي سدا سهاڳڻ ڪک مان شاهد عبداللطيف ڀٽائيءَ کي جنم ڏنو. سندس دور ۾ جڏهن فارسي گهوڙي چاڙهسي جي چوٽي مشهور هئي تہ ڀٽائي گهوٽ، سنڌ جي سپوت، سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي مادري زبان، سنڌي ٻوليءَ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي لکيو تہ:

جي تون فارسي سکين، گولو توءِ غلام،
ايءُ عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿئي.

اهڙيءَ طرح جڏهن سنڌ جي ڌرتيءَ کي پاڪستان سان الحاق جي انعام ۾ ون يونٽ جو طوق پنهنجن جي هٿان ئي ڳچيءَ ۾ وجهي، اڙدو ٻولي ماڻهن جي زبانن ۾ پيوند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سنڌ جي سدا سهاڳڻ ڌرتيءَ شيخ اياز کي جنم ڏنو. جنهن ٻوليءَ کي ٻن سون سالن کان پوءِ وري ٻيهر جاڳرڙ ڪري، الزام تراشيون سهي، ملحد ۽ دهرئي جون تهمتون برداشت ڪندي، سنڌي ٻوليءَ کي ڌارين جي لوڌ جي يلغار کان آجو ڪيو. دنيا جي هر اديب ۽ شاعر ليکڪ ۽ دانشور جي اها خواهش هوندي آهي تہ هو جو ڪجهه لکي ٿو، جن لاءِ لکي ٿو اهو عوام جي امانت آهي ۽ اها امانت، بغير ڪنهن خيانت جي جلد ۾ جلد عوام تائين پهچي. جيئن ان جي لکڻيءَ مان سندس ڌرتيءَ جو عوام فائدو وٺي، حظ حاصل ڪري، سرچي ۽ پرجهي ۽ پاڻ سڃاڻي. اهوئي سبب هو جو شيخ اياز جو ڪجهه سوچيو، سمجهيو، اهو هن لکيو ۽ سندس هر لکڻي سنڌ جي عوام

هنئين سان هندائي ۽ اهوئي سبب آهي جو هيءَ صدي شيخ اياز جي صدي ٿي سڏجي ۽ وري نہ ڄاڻ ڪيترين صدين گذرڻ کان پوءِ سنڌ جي ڌرتي ڪنهن اهڙي سپوت کي جنم ڏيندي جيڪو سنڌس عوام جي ٻوليءَ کي هر بگهڙ کان بچائڻ لاءِ ڪو مضبوط لوڙهو ڏئي ويندو.

"اسان اميدن جا ڏيئا
گل تہ ڪندائي ناهيون"

ٻوليءَ کي مضبوط لوڙهو ڏيڻ لاءِ شيخ اياز جو ڪجهہ لکيو اهو ڪجهہ ڇپرائي پڌرو ٿيڻ جي ڪيس ايتري خواهش هوندي هئي، ايتري خواهش، چاهت مون ڪنهن بہ ٻئي اديب، شاعر ۾ نہ ڏٺي. ان ڪري سنڌس تمنا هوندي هئي تہ هن جا لکيل ڪتاب جيترو جلد ٿي سگهن ڇپجي پڌرا ٿي اچن. اهوئي سبب هو جو هن وٽ جيڪو بہ ڪتاب ڇپرائڻ جي آس کڻي ايندو هو تہ هو بنا ڪجهہ چون چرا ڪرڻ جي ڪيس ڏئي ڇڏيندو هو. ڪيس هر ڪتاب وانگر هن ڪتاب جي ڇپجڻ جي ڏاڍي خواهش ۽ تمنا هئي تہ اهو ڪتاب جلد ڇپجي اچي. ان جي مهاڳ طور پڻ اهو طئہ ڪري ڇڏيائين تہ ڊاڪٽر آصف فرخيءَ جيڪو مضمون سنڌس سالگره تي ريلوي هال ۾ پڙهيو هو سوئي مضمون ڪتاب جي مهاڳ طور شامل هجي. ٢٧ دسمبر ١٩٩٧ع، ڇنڇر جي ڏينهن شام جو مان جڏهن سائٿ مڊايسٽ ميڊيڪل سينٽر ڪلفٽن، ڪراچيءَ ۾ ملڻ ۽ حيدرآباد وڃڻ لاءِ موڪلائڻ ويس تہ مون کانئس ڪنهن ڪم يا ڪنهن درست کي نياپو سنيهو ڏيڻ لاءِ پڇيو، تہ چيائين: "ولي رام ولڀ کان، ڊاڪٽر آصف فرخيءَ وارو مضمون وٺي اچجانءِ، ڪيس سلام بہ ڏج ۽ ٻئي ڪنهن کي منهنجي اسپتال ۾ داخل ٿيڻ لاءِ نہ ٻڌائج."

خواهش جو ڪو ڇيهہ نہ ٿيندو آهي، انسان جي زندگيءَ جو ڇيهہ ٿيو وڃي، ان مصداق شيخ اياز جي زندگيءَ جو ڇيهہ ٿي ويو، خواهش اڌوري رهجي وئي. اڌوري ان حوالي سان تہ اهو ڪتاب سنڌس اکين نہ پسيو، هٿن نہ ڇهيو. هاڻ مون کان ڪير پڇندو تہ "ڪتاب ڪيئن لڳئي". پر هن جي هڪڙي خواهش ضرور پوري ٿيندي تہ هن اهو ڪجهہ جن جي لاءِ ننڍرن ڦٿائي لکيو، اميد تہ انهن تائين پهچي ويندو ۽ ڪيس ضرور ساريو ويندو. "سانئيا سارجو، متان وسارجو، تہ ڪو ماڳ ۾ مئو."

سنڌس اها بہ خواهش هئي ٭ - سنڌس ڪوئي ڪتاب "روشني

پبليڪيشن ڪنڊيارو" وارو دوست علي نواز گهانگهرو ڇپرائي. اها خواهش به سندس زندگيءَ ۾ پوري نه ٿي. اها خواهش به هاڻ اچي پوري ٿيڻي هئي. اميد ته دوست ۽ پڙهندڙ ضرور ان ڪتاب کي جوڳي موٽ ڏيندا.

هن ڪتاب ٽائيٽل جي لاءِ شيخ اياز مون کي راز ناٽنشاهيءَ ڏانهن موڪليو هو ته اچي ته ڪيس "ڪاري رات ڪهنگ" جي منظرڪشيءَ بابت سمجهائي ۽ پوءِ هو ٽائيٽل ٺاهي. اهڙيءَ طرح مون کي به سمجهايائين ۽ مون شعيب کيڙو، ايبسٽريڪٽ آرٽسٽ کي سمجهايو هو، ڇاڪاڻ جو هن کان اڳ شعيب کيڙو شيخ اياز جي شاعري مصور ڪئي هئي. انهن پنهي الڳ الڳ تصويرون ٺاهيون آهن. انهن مان چونڊ ڪرڻي آهي، پوءِ جنهن تي ڪٿو پيو.

هي ڪتاب دوست قاضي منظر حيات، شيخ اياز جي نوٽ بوڪ تان اتاري ان کي ڇپائڻ جوڳي مسودي جي شڪل ڏني هئي. شيخ اياز جي بيماريءَ سبب، سندس شاعري يا ڪجهه مضمون اتارڻ يا سهيڙڻ جو ڪم قاضي منظر حيات ئي انهن ڏينهن ۾ سرانجام ڏيندو هو. ان ڪري هو سندس ٽورانٽو هوندو هو ۽ اسين به سندس ٽورا مڃيون ٿا.

ٽورا نه ٽورا، مون سين مارن جي ڪيا

ستار

14-ڊي، گلشن ڪامپليڪس نمبر 2
گلستان جوهر، بلاڪ 19
راشد منهاس روڊ، ڪراچي
4 مارچ 1998ع

# اياز شناسي

## مهاڳ

"منڊي ماڪوڙي ڪوهه مان تي ڪڇي اُپ." اوهان جو تعجب درست آهي. اڄ هتي، هن محفل ۾ ايندي ۽ هن دور جي شاعر شيخ اياز جي روبرو سنڌس شاعريءَ جي حوالي سان ڳالهائڻ جي جرئت ڪندي، مان پاڻ به ڪجهه حيران ۽ ڊنل آهيان، ۽ ڪڏهن پنهنجي پاڻ کي ته ڪڏهن پنهنجن مانوارن پڙهندڙن کي الف ليليٰ واري ابوالحسن وانگر ڏسان ٿو. جيڪو پنهنجي ئي پڳل ٽٽل معمولي گهر ۾ سمهيو پيو هو، پر اک کليس ته پاڻ کي وقت جي خليفي جي سامهون بيٺل ڏٺائين. شاهي ايوان ۾ هر طرف اهڙي رونق هئي جا نظرن کي ڪيرو ڪري ڇڏي. ادب سان بيٺل خادم جيڪي اک جي هڪ ئي اشاري تي تلوارون ڇڪي ڪڍڻ ۽ شاهي ڇپر ڪٽ سان هٿ ٻڌي بيٺل وزير باتدبير پاڻ ۽ پيا سنڌس زبان مان ادا ٿيندڙ هڪ هڪ لفظ جا منتظر! ڇيو وڃي ٿو ته ابوالحسن پنهنجي پاڻ کي اهڙي مقام ۽ رتبي تي پهتل ڏسي، بي حواس ٿي ويو ۽ هر هر پنهنجي ٻانهن ۾ چهنڊڙيون هڻندو رهيو. اک ته کليس پر ٻانهن تي ڊيڄ پئجي ويس! مون کي پاڻ کي چهنڊڙين هڻڻ جي ضرورت ناهي، انهيءَ ڪري جو مون کي خبر آهي ته هيءَ منهنجي خواب جي نه پر سجاڳيءَ جي ڪيفيت آهي. بس، منهنجو هتي هجڻ، اها ڳالهه خواب جهڙي آهي ۽ اهو به انهيءَ ڪري جو هستي پنهنجي حباب جهڙي آ - حباب، جيڪو سخن جي دريا سامهون آهي. مون کي هيڪ ۽ اٽڪ انهيءَ ڳالهه تي آهي ته شيخ اياز جي شاعريءَ تي ڳالهائڻ جي منصب تي

---

هي مقالو شيخ اياز جي خواهش موجب هن ڪتاب جي مهاڳ طور پيش ڪيو ويو آهي. (پبلشر)

منهنجي بي پهچائي بيحد پڌري آهي. مون جهڙي پالهي شخص کي اڄ اياز جي سڄي عمر ڇانيل سندس شعري حاصلات ۽ ڪارناما بي انت سمنڊ يا سرسبز ۽ شاداب واديءَ وانگر ڏسڻ جي دعوت ڏين ٿا.

میں حیرت و حسرت کا مارا خاموش کھڑا ہوں ساحل پر
دریائے محبت کہتا ہے آ کچھ بھی نہیں، پایاب ہیں ہم۔

درياهہ جي انهيءَ سڏ کان ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي؟ مان انهيءَ اسرار پرئي ڪُن ۾ لهڻ ۽ انهيءَ سحر سان گڏ رقص ڪرڻ چاهيان ٿو.

شيخ اياز جي شعري ڪارنامن ۽ حاصلات جي سامهون پنهنجي حيرت سان گڏوگڏ مان سندس شخصي احترام جو بہ ذڪر ڀرئين ڪري ڇڏيان. منهنجي والد سان سندس ملاقات منهنجي ڄمار ڪان بہ وڌيڪ پراڻي آهي، ايتري پراڻي جو اها هاڻي ڪنهن ٻئي زماني جي ڳالهہ لڳي ٿي. محبت جي انهيءَ مسلسل حوالي سان مون کي بہ سندس خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو هڪ اڌ موقعو مليو آهي. مون لاءِ اها ڪٿ ڪرڻ ڪا مشڪل ناهي تہ شيخ اياز جي شاعري رنگ، نغمي ۽ نور جو هڪ طلسم- گهر آهي، جنهن کي گهمي ڏسڻ لاءِ گهڻي وقت جي ضرورت آهي. هيءُ جيڪو گويا پراڻين ڪهاڻين جو محل آهي، جنهن ۾ هزارين ڪمرا آهن ۽ هر ڪمري ۾ هڪ خزانو ۽ انهيءَ خزاني جو حاصل حيرت ۽ دانائي! مون انهيءَ محل جي چانئٺ تي قدم تہ رکيو آهي پر اندر داخل ٿي اُن جي سير ڪرڻ جو موقعو نہ مليو اٿم. انهيءَ سفر ۾ بہ زبان ساٿ نہ ڏنو ۽ ڪيترائي ڀيرا دل چيو تہ:

یا رب وہ نہ سمجھے ہیں نہ سمجھیں گے مری بات
دے اور دل ان کو، جو نہ دے مجھ کو زباں اور!

دل ۽ ذهن جي ان ڪوشش ۾ مون کي ٻي زبان تہ نہ ملي پر ايترو اندازو ٿي ويو اٿم تہ هو منهنجي ڳالهہ نيڪ سمجهي ٿو. ايتري قدر جو هو مون کي سهيڙگي ئي نہ، هم زبان بہ محسوس ٿئي ٿو.

پر شيخ اياز جي شاعريءَ جي بحر ۾ لهڻ لاءِ رڳو زبان جي ئي مشڪل ناهي. عظيم شاعري پنهنجي سمجهڻ لاءِ مشڪلات خود بہ پيدا ڪندي آهي، پر خود ئي انهيءَ مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪونہ ڪو

ڏس ٻـ فراهم ڪندي آهي. ناصر ڪاظميءَ مير جي حوالي سان چيو هو تہ "وڏا شاعر پنهنجي زماني سان گڏ ٻڙ جي وڻ جهڙو سلوڪ ڪندا آهن. ٻڙ جو وڻ زندگيءَ ۽ اُپار جي وڏي علامت آهي. ان جون ٽاريون، پاڙون ٻنجي، زمين جي گهراين ۾ لهي وينديون آهن ۽ ان جي گهاٽي ڇانءَ ۾ ننڍا وڏا ٻوٽا، ڪک ڪانا، اسري نہ سگهندا آهن ۽ ان جا پن هوا جي آهٽ ۽ جهرڪين جي چُون چُون سان آباد رهندا آهن." شيخ اياز ٻـ جديد شاعريءَ ۾ اهڙو سرسبز ۽ ڇانءَ وارو وڻ آهي- اهڙو وڻ جنهن جون پاڙون زمين جي اونهاين جي سيني رازن جي خبر آڻين ٿيون ۽ جنهن جي ٽارين ۾ شفق رنگ آسمان جون ڪيئي ڪايائون رنگارنگ ڪاٽيل لغڙن وانگر انڪيل ڏسجن ٿيون.

وڏو شاعر سرسبز وڻ وانگر پنهنجي جاندار قوت سان وڌي ويجهي ٿو. پر ڏکيائي اها آهي جو شعر هجي يا وڻ، اسين انهيءَ سان انفرادي ۽ اجتماعي طور تي ڪو سٺو سلوڪ ڪرڻ جا عادي نہ رهيا آهيون. اسين وڻن کي گلن، پنن ۽ ٽارين ۾ ورهائي ڏسڻ چاهيندا آهيون ۽ انهيءَ تي بہ وس نہ هلندو اٿئون تہ ان کي ڪهاڙن جي منهن ۾ ڏيئي، انهن جي جاءِ تي ڪو ٺٺون روڊ يا ڪو ٺٺون پلازا اڏڻ چاهيندا آهيون. ڪجھ اهڙي ئي قسم جو سلوڪ اسان پنهنجي شاعرن سان بہ روا رکيو آهي. اسين کين ننڍين ننڍين ٽڪرن ۾ ورهائي ڏسڻ چاهيندا آهيون. نقادن جي هٿ چڙهيل شاعرُ هن زماني ۾ ڪهاڙن جي منهن ۾ آيل وڻ وانگر لڳندو آهي. شيخ اياز جي ڪلام جو ڦهلاءُ يا گهيرو ايڏو وڏو آهي جو اُن لاءِ هالو چالو تنقيدي ماپا ننڍا ٿي پون ٿا. بيت ۽ وائيءَ جهڙين روايتي قديمي صنفن کان وٺي غزلُ جهڙي ڪلاسيڪي صنف ۽ وري آزاد نظم ۽ نثري نظم جهڙيون جديد تر صنفون ۽ پڻ نثر جي مختلف اسلوبن ۾ سندس لکڻين جو خزانو مقدار ۽ معيار ۾ ايتري قدر وسيع آهي جو چڱن ڀلن مجيل نقادن کي ڏندين آڱريون اچيو وڃن. هيءَ تہ اهو ڳجگوڙ ڪري وهندڙ درياءُ آهي، جو تنقيد جي ڪوزي ۾ سمائجي اچڻ جي بدران، نقاد کي بہ پنهنجي وهڪري ۾ ورهائي وڃي ٿو. انهيءَ حساب سان ڏٺو وڃي تہ انهيءَ قسم جا جيڪي مضمون لکيا ويندا آهن، جن ۾ شيخ اياز کي ڪنهن هڪ صنف يا هڪ اسلوب جي حوالي سان ڏٺو ۽

جاچيو وڃي ٿو، ان جو مثال مولانا روميءَ جي حڪايتن واري هاٿيءَ جهڙو آهي، جنهن کي ڇهڻ انڌن گڏجي سڃاڻڻ شروع ڪيو. ڪنهن انڌي ٽنگ کي هٿ لاتو، ڪنهن سونڍ کي، ڪنهن جي هٿ ۾ پڇ اچي ويو ۽ ڪنهن ڏند کي جهليو. پوءِ ڇٽڻي گڏجي پنهنجي پنهنجي حصي جي هاٿيءَ جو اهڙو نقشو چٽيو جو اکين وارا بہ حيران ٿي ويا. انهن انڌن نقادن مان هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي ڳالهہ ڪئي، پر انهن جو سچ اڌورو سچ آهي.

شيخ اياز هڪ هنڌ گليور جي تمثيل بہ ورجائي آهي. للي پُٽ جي باشندن لاءِ گليور حيرت جو سبب ٿيو هو. للي پُٽ جا سورا ماڻهو سهيل گليور جي جسم تي ڊوڙندا رهيا. سندس هٿن ۽ پيرن تي هلندا رهيا. سندن مٿان لنگهيا، سندس چهري جي هيٺ مٿانهين کي جبلن ۽ ماٿرين وانگر طئہ ڪيائون ۽ جڏهن هن پاسو ورايو تہ ڊپ وچان سيني سندس وارن کي ڪلين ۽ سيخن سان پٽڻ شروع ڪيو. نيٺ بہ تہ سهيل ديو جي پاسي ورائڻ کان سيني کي ڊپ لڳي ٿو.

اسين بہ للي پُٽ جا رهاڪو آهيون ۽ اسان کي بہ گليور کان ڊپ لڳي ٿو. اسين ڪڏهن مٿس اعتراض ڪندا آهيون، ڪڏهن ڪيس ڏسي هيسجي ويندا آهيون. انهيءَ ڪري جو اسين سندس قدقامت کي پنهنجي ڪم فهميءَ جي ماپي تي ماپي نٿا سگهون. اسين دراصل ڪاٺس شاعر جي ڊپ ۾ ورتل آهيون. اسين بي ضرر، ننڍڙن پتڪڙن ۽ آرائشي شاعرن کان خوش ٿيندا آهيون، انهيءَ ڪري ڪاٺن وندرجڻ ۽ ڪين وندرائڻ سولو آهي. اُهي ڏيکاءَ ۽ جلسي جلوس سان خوش ٿي وڃن ٿا. ڪاٺن وڏيڪ گهُر نٿا ڪن. پنهنجي سهوليت لاءِ اسان رٽائرڊ شاعرن جي هڪ ٿين ۽ ڳجهي جنس بہ ڳولي ورتي آهي. جوانيءَ جي غلطين وانگر، اُهي ڇڳا مڙس ڪجهہ شعر و سخن ۾ بہ دلچسپي وٺندا آهن ۽ ڪجهہ غزلن ۽ نظمن جي پوک مان سڄي ڄمار فصل لڻندا رهندا آهن. انهيءَ مان سيني کي فائدو ملي ٿو. قومي يڪجهتي، ڀائيچاري، قومي ترقي، اسلامي نظام، اردو - سنڌي يڪجهتي - مطلب تہ ڪنهن بہ موضوع تي انهن کي پراڻي سڪي وانگر هلائي سگهجي ٿو. اها ڳالهہ اڪبر بادشاهہ جي انهيءَ هاٿيءَ وانگر آهي، جيڪو هن ڪنهن ميراثيءَ کي انعام ۾ بخشش ڪري ڏنو هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ ميراثي جڏهن هاٿيءَ کي کارائي پيارائي ڏيوالو

جهڙو ڪرڙڪو هجي؟ دل جي دولت ڪي ايڏي فياضيءَ سان اهو ئي لٽائي سگهي ٿو جنهن جي پنهنجي هڙ ۾ گهڻو ڪجهه هجي. هڪ سموري دنيا ۽ ان جا تجربا! شيخ اياز جي اڳيان هيءَ دنيا هر هر آليءَ مٽيءَ وانگر اچي ٿي ۽ ماهر فن ڪوزه گر وانگر ڪٿي اُن کي هو چڪ تي رکي ٿو ڇڏي.

مختلف صنفن ۽ اسلوبن تي قدرت ۽ ڪلام جي مقدار جو ذڪر ٿيو. شيخ اياز جي ڪلام ۾ مون کي ٽي ڊائرائون نظر اچن ٿيون. انهيءَ دريا وانگر جنهن جون موجون الڳ الڳ رنگ جي پاڻيءَ ۾ وهنديون نظر اچن يا وري شايد نظر کي دوکو ڏين ٿيون. اُنهن ٽن ڊائرائن جي پنهنجي پنهنجي هنڌ اهميت ڪجهه گهٽ ناهي، پر ٽنهي جو هڪ ئي شاعر ۾ هڪ ئي وقت موجود هجڻ ۽ انهن جي ملڻ جو امڪان بہ بي انداز تهذيبي اهميت وارو آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ جو هڪ Persona سندس ديسي روپ آهي. شيخ اياز کي "سنڌ جو آواز" چيو ويو آهي ۽ ڪيترن ئي نقادن ۽ شارحن لکيو آهي تہ سنڌ ۽ ان جي ماڻهن جا اُمنگ، مسئلا، ڏک درد ۽ زندگيءَ سان جڙيل هجڻ جون ننڍيون وڏيون هزارين صورتون شيخ اياز جي ڪلام ۾ موج وانگر ڇوليون هڻندي نظر اينديون آهن. غالب چوائي:

موج محيط آب ميں مارے ہے دست و پا کہ يوں

لوڪ ريت ۽ روايت جا سوين چاتل ۽ اڻچاتل لفظ آرس ڀڃي جاڳي پون ٿا ۽ سندس ڪلام ۾ منڊيءَ تي ٽڪ وانگر جڙي وڃن ٿا. پنهنجي زبان جي موجود ۽ لڪل سرمايي کي ڳولڻ، ان جي قديمي ۽ اصلوڪيپڻ کي هٿ ڪرڻ ۽ انهيءَ کي هڪ جديد ۽ سهيوڳي شڪل ڏيڻ، سندس غير معمولي ڪارنامو آهي. هو ور ور ڪري اصل ڏانهن موٽي ٿو ۽ پاڻ سان گڏ زبان ۽ بيان کي بہ تازه دم ڪري ٿو ڇڏي. زبان هر ڀيري نواڻ ۽ هڪ نئين تشڪيل حاصل ڪري ٿي.

ڌرتيءَ جي پڪار ڪهڙو روپ ڀري اچي ٿي، ان جو مثال سندس هڪ تازي نظم مان ڏيئي سگهجي ٿو، جيڪو اڃهو ڪجهه مهينا اڳ ئي شايع ٿيو هو:

بيل گاڏيءَ تي پلال
جنهن مٿان ڪا آهه هارياڻي سُتل
چنڊ پوئين رات جو ۽ ماڪ ۾
ٽاريون پنل
باک ٿي وئي، ٿا پکي لاتيون لنون
۽ پهر ۾ ڪيئي آڪيرا اڏن
ويا پکي جن مان اڏامي
دور پنهنجي ديس تي
ٿي لڏي هڪ ڳوٺ مان ٻئي ڳوٺ ڏي
آ اهو هن کي ملال
بيل گاڏيءَ تي پلال
ٿي اکيون ڇنڀي ڏسي سَر ۾ ڪنول
پر وڏيرو ڪيترو آهي پَلل!
هوءَ ڪڏهن ڪاري نه ٿيندي
مڙس پنهنجي سان لڏيندي
پل رهي هن جو گرهه اٿيو ٿڪو
ڪونه لائيندي ٽڪو.

سادن ۽ پُرڪار لفظن سان واٽيل هڪ متحرڪ تصوير آهي، هيءَ نظم، جنهن جي هارياڻي ڪٿي جمال ابڙي جي "پيراڻي" وانگر مظلوم عورت بنجي مظلوم ڏرتي لڳندي آهي: پر هاڻي هن ڌرتيءَ جي ناريءَ جا تيور ڪوڙا آهن. هوءَ ڪلنڪ جو ٽڪو لڳڻ نه ڏيندي.

شيخ اياز پنهنجي پهرئين شعري مجموعي "ڀؤنر ڀري آڪاس" جي شروعات "بيت" سان ڪئي آهي ۽ "پيش لفظ" ۾ انهيءَ جي وضاحت به ڪري ڇڏي آهي ته "منهنجي بيت جي هيئت قديم شاعريءَ جي بيت جهڙي آهي، باقي ان جي موضوع ۾ جدت آهي." فارسي ۽ هنديءَ جي آميزش کان الڳ رهي، هن ان صنف کي ورتايو آهي جو سندس خيال ۾ اها "سنڌي زبان جي منفرد صنف" آهي، جيڪا ظاهر ۾ "ناموزون" معلوم ٿئي ٿي. "ان ۾ نه قافيو آهي نه رديف، پر انهيءَ جي باوجود بيت ۾ ترنم ۽ هم آهنگيءَ ٻيءَ هر صنفِ سخن کان وڌيڪ آهي." هو چوي ٿو ته "سنو

بيت اهوئي لکي ٿو سگهي، جنهن کي روح ۾ رواني ۽ ٻوليءَ تي بي انتها قدرت هجي.“ بيت جي ٻيٽ ۾ نئين وائيءَ جي هيئت ۽ موضوع ٻنهي ۾ جدت رکي آهي. زبان جي ڪلاسيڪي سرمايي ۽ ان کان ٻه پوئتي وڃي لوڪ ريت سان صدين جو پراڻو رشتو بحال ڪرڻ ۽ وري اُن کي هڪ سهيوڳي ۽ جديد زاويي سان پيري ڇڏڻ، شيخ اياز جو اهم ڪارنامو آهي. انهيءَ حوالي سان سندس مجموعو ”ڪپر ٿو ڪُن ڪري“ جيڪو ١٩٧٥ع ۾ شايع ٿيو هو، ڪليدي اهميت وارو آهي. پر مان اهو ٻه چوندو هلان ته اهو ڪتاب انهيءَ ڳوري پٿر وانگر آهي، جنهن کي مون چُمي ڇڏي ڏنو، جو مون کي اُن جي پيد پرئي ڪُن ۾ لهڻ جو رستو نه مليو.

هن جهڙي اهم ڪم جو ڪو مثال اردو شاعريءَ ۾ ته هن وقت منهنجي ذهن ۾ نٿو اچي. البت جديد پنجابي شاعريءَ ۾ نجم حسين سيد جو نالو ذهن ۾ اچي ٿو، جنهن پنجاب جي انهيءَ ٺيٺ لساني روپ کي هٿ ڪيو آهي، جيڪو اردو ۾ ٻه ورجائي نٿو سگهجي. جيتوڻيڪ هڪ ڊگهي عرصي کان پنجاب جو (Nativegenius) اردو ۾ نهايت حسن ۽ خوبي سان پنهنجو اظهار ڪندو آيو آهي. شيخ اياز جو ٻه انگريزيءَ ۾ ته ڇا، اردوءَ ۾ ٻه گهٽي حد تائين ترجمو انهيءَ ڪري ڏکيو آهي، جو هن هيئتن سان گڏوگڏ شعري زبان ٻه بحال ڪئي آهي ۽ يقيناً انهيءَ ڪري سنڌي زبان جو (Nativegenius) هن وقت سندس ٻولي ڳالهائيندو معلوم ٿئي ٿو. سنڌي زبان جي جينئس مان منهنجي مراد انهيءَ زبان ۾ لکندڙ ڪنهن اڳئين وقت جي شاعر سان ناهي، پر سنڌي زبان جي جينئس شاعر ڀهرئين شعري مجموعي ڪلام واري امداد حسيني يا وري ”مهراڻ“ جي گذريل شماري ۾ شايع ٿيل نظم ”حسن بانو کي الوداع“ چوندڙ شمشير الحيدري کان وٺي تازه دم ۽ تازه ڪار حسن درس تائين ڪيترائي شاعر آهن. منهنجي مراد زبان جي پنهنجي جوهر سان آهي، جيڪو شيخ اياز جي ڪلام ۾ چهڪ ڏيندڙ تلوار وانگر چمڪي ٿو ۽ اها اُها تلوار آهي، جيڪا شيڪسپيئر جي لفظن ۾ ماڪ سان زنگيل نه آهي.

زبان سان گڏ اهو گهرو تعلق اهڙي شڪل ٻه اختيار ڪري سگهي ٿو، جڏهن شاعر کي پاڻ محسوس ٿئي ته زبان سندس وسيلي يا توسط سان پنهنجو شعري اظهار ڪري رهي آهي. شيخ اياز پنهنجي

ڪلامي ڪندو آهي ۽ اها به پوريءَ پنهنجائپ سان. هڪ نظم ۾ بودليئر کي لافورگ جي بدران لطف الله بدويءَ کي پڙهڻ جو مشورو ڏئي ٿو. شيخ اياز جي ذهني ۽ جذباتي Ethos ۾ بودليئر ۽ لافورگ به موجود آهن ۽ لطف الله بدوي به، پر انهن کي هڪ سلسلي ۾ پوئڻ يا انهن جي وچ ۾ ڪنهن ربط ۽ مڪالمي جو امڪان شيخ اياز جي تخيل جي نيرنگيءَ جو نتيجو آهي. سندس بيحد اهم مجموعي "چوليون پوليون سمنڊ جون" ۾ بودليئر، ايليٽ، پائونڊ، سيفو ۽ وان گوگ نظمن جي تاجي پيٽي ۾ شامل ٿي وڃن ٿا. هو وان گوگ کي مخاطب ٿيندي سندس مشهور تصوير ۾ گلن جو عڪس ئي نه "چشمِ تماشه" سان پنهنجي شاعريءَ جي جهلڪ به ڏسي وٺي ٿو:

وان گوگ!
تون ايئن پرندا ڏٺا ها
ڪيت سوَ سُورج مکيءَ جا
جئن شفق ۾ مان ڏسان ٿو.
۽ چوان ٿو:
رات جو سورج مُکي مُرجهائجن ٿا.
جئن اُهي بي ڏينهن تي سون پکهارن سج ۾
ائين نهارن سج ۾
جڻ نہ هو نظرون جهڪائيندا ڪڏهن
۽ نہ هو ساري تپت ۾ سر نوائيندا ڪڏهن!
وان گوگ!
شاعري منهنجي به ائن آ، پوءِ اُها ڪو نظم آ يا بيت آ
سج ۾ سورج مکيءَ جو کيت آ.

شيخ اياز جي جديد شعر جو اپياس بي پناهہ آهي ۽ سندس نظم ۽ نثر ۾ مغربي ادب جا حوالا ٽنل تارن وانگر اڇيو ڪرندا آهن. انگريزي ۽ ٻين يورپي زبانن ۾ نظم جو سفر سندس آڏو گهڻو چٽو آهي ۽ نوجوان شاعرن جي انتخاب "ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" جي مهاڳ ۾ هن ان کي سهيوڳي سنڌي شاعريءَ سان Co-relate ڪري ڏيکاريو آهي. مٿي ڪان هيٺ

ائين مشرقي هئڻ جي باوجود، مغرب جو ادب هن لاءِ ڪليل ڪتاب آهي.

شيخ اياز جي شعري Persona هڪ کان وڌيڪ دنيائن جو واسي آهي. سنڌس تهذيبي شناخت ۾ اردو ۽ فارسيءَ جو رنگ گهٽو نمايان آهي. شيخ اياز پنهنجي انٽرويوز ۽ آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا ذڪر ڪيو آهي ته ٻالپڻ کان اهو ڪلاسيڪي سرمايو سنڌس مطالعي جي شوق کي اتساهه ڏياريندو رهيو ۽ ان جي نتيجي ۾ هو ڪلاسيڪي روايت ۾ پوري طرح رچي ريو. انهيءَ جو اظهار سنڌس تحرير ۾ جابجا هوندو آهي. نثر جا باقاعده مضمون ته پنهنجي جاءِ تي اخبار ۾ ادارتي نوٽ يا تاثراتي تبصرا ۽ Comments لکندي لکندي، ڪيس اردو - فارسيءَ جا شعر موقعي مهل تي ڏاڍا ياد اچن ٿا ۽ سنڌس نثر کي اُهي نفاست ۽ وقار عطا ڪندا آهن، جيڪي اردو توڙي سنڌيءَ ۾ هاڻي ورلي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. فارسيءَ کي ته اسان "نقش و نگارِ طاقِ نسيان" وانگر وساري ڇڏيو آهي، پر شيخ اياز وٽ فارسيءَ جي ڪلاسيڪي شاعري زنده استعمال ۾ ايندڙ حوالي جي صورت ۾ نظر اچي ٿي ۽ هو ان جي فضا ۾ اهڙيءَ طرح ساهه کڻندي محسوس ٿئي ٿو، ڄڻ هو اُن جي توسيع هجي. ١٩٤٧ع جي حوالي سان هڪ نظم شروع ڪري ٿو، ڄڻ ١٩٦٧ع ۾ وري موٽي آيو هجي ۽ گورداس پور سو نالو ڪٿندي ڪٿندي روميءَ جو حوالو ڏئي ٿو:

دي شيخ با چراغ همي گشت گردِ شهر
کز دام و در ملولم وانسانم آرزوست.

۽ انهيءَ ڪتاب جي مهاڳ ۾ حرف آخر جي طور تي ڪليم جو هيءُ شعر درج ڪيو اٿس:

ماز آغاز وزِ انجام جهان بے خبريم
اول و آخر اين ڪُهنه ڪتاب اُفتاد است.

اهڙيءَ طرح اياز جو هڪ اهم حوالو "غالب" آهي، غالب جنهن کي هو هر هر ۽ مختلف انداز ۾ ياد ڪري ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي سنڌس آواز ۾ پنهنجي پاڻ کي تلاش ڪري ٿو. ڪٿي غالب کان پڇي ٿو ته آسمان جي "صفحه قرطاس" تي ڇا لکيل آهي. ڪٿي ڪيس غالب وانگر "عندليب

نا آفريده" هجڻ جو احساس ستائي ٿو ۽ ڪٿي اها پڻ دوست دلين جي گفتگو بنجي وڃي ٿي. بهرحال، اهو سلسلو پنهنجي هنڌ اهم آهي. غالب وانگر شيخ اياز بہ عجمي ذهن رکي ٿو ۽ اهو بہ هڪ اهڙي ذهني دور ۾ جڏهن اسان وٽ فارسيءَ جو ذوق تقريباً متجي ويو آهي. غالب کان پوءِ اهو هُنر فارسيءَ سان جڙيل اياز وٽ هڪ لحاظ کان انهيءَ روايت جو تسلسل بہ آهي ۽ انهن معنائن ۾ هو اردوءَ جي سهيوڳي شاعرن جي ڀيٽ ۾ غالب کي ويجهو نظر اچي ٿو. هوتئن تہ فارسيءَ جي ڇاپ ۾ ن-م-راشد تي گهڻي نمايان آهي (شيخ اياز ن-م- راشد جي "سليمان سربزانو اور سبا ويران" جو حوالو بہ ڏنو آهي) پر راشد جي مماثلت زبان سان آهي، زبان جي ڪلاسيڪي شعري سرمايي سان ناهي.

"هرڻ اکي ڪيڏانهن" ۾ غالب جي حوالي سان جيڪي ننڍا ننڍا نظم يا Musings آهن، اهي غالب سان گڏ هن ئي گفتگو جو حصو ٿا لڳن:

- تم اور آرائش خمِ ڪاڪل

 مين اور انديشہ هائي دور دراز
 غالب! ڇا سندس آرائش خمِ ڪاڪل تنهنجي
 انديشہ هائي دور دراز جو حصو ناهي؟

- غالب چيو هو:

 يہ مسال تصوف يہ ترا بيان غالب
 تجهے هم ولی سمجهے جو نہ باده خوار هوتا-

مون تہ باده خواري بہ ڇڏي ڏني آهي غالب!
مون کي ڇا سمجهين ٿو؟

- غالب! ڪهڙو موت؟ شمع جو سحر تائين هر رنگ ۾ جلي ٿي غمِ هستي جو بهترين علاج آهي!
- غالب! تو وانگر مان بہ "حرفِ مڪرر" نہ آهيان. نہ زمانو توکي مٽائي سگهيو، نہ مون کي مٽائي سگهيو.

غالب سان هڪ طرح جي ذهني قربت جي سبب ڪري، هو غالب جي شاعريءَ ۽ غالب جي قصيده گوئيءَ ۾ تفاوت تي اعتراض بہ ڪري ٿو. "پٿر ٿو پور ڪري" ۾ غالب جي مزار تي هڪ نظم لکندي چوي ٿو تہ:

"غالب! مان تنهنجو انتقام آهيان" ۽ "هرڻ اکي ڪيڏانهن" ۾ غالب سان شڪايت بہ ڪري ٿو!

مرزا غالب! مون هن ڪي تنهنجو رشتيدار
سمجهي عزت ڪئي
پر هوءَ پاڻ بہ تنهنجي
ان مسلسل غزل وانگر هئي،
جنهن جو مقطع مون ڪي اڃان بہ ياد آهي:

غالب ہمیں نہ چھیڑ کہ پھر جوش اشک سے
بیٹھے ہیں ہم تہیۂ طوفاں کئے ہوئے

اهو "تهيۂ طوفان" اڄ جي صورتحال ۾ ڪيترو معنيٰ خيز لڳي ٿو. اهم ڳالهہ اها آهي تہ "تهيۂ طوفان" کان اڳ "جوشِ اشڪ" آهي. هوئٽن تہ شيخ اياز جو اردوءَ سان لاڳاپو نرم گرم ٿيندو رهيو آهي. ان ۾ "سياستِ دربان" جي شڪايت بہ آهي ۽ "بي مهري ارباب وطن" جي شڪايت بہ. اردو وارن کي انهيءَ گفتگو جي مضمرات تي خاص طور تي غور ڪرڻ گهرجي جو 'ڪپر ٿو ڪن ڪري' جي مجموعي ۾ محمود الحق عثماني سان گڏ آهي.

انهيءَ جي اهميت پنهنجي سياق و سباق ۾. پر اردو هڪ سياسي معاملي کان وڌي شيخ اياز لاءِ تهذيبي ۽ شعري پسِ منظر جو حصو بنجي اچي ٿي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايتري قدر فطري طور تي ۽ حيرت انگيز طريقي سان اچي ٿي جو ديده بايد. رام جنم ڀومي ۽ بابري مسجد جي ڇڪتاڻ جو تذڪرو ڪندي هو مير کي ياد ڪري ٿو، جنهن جي دعويٰ هئي تہ "قشقہ کینچا دیر میں بیٹا"

مير تقي مير!
تو تہ پنهنجي دؤر ۾ قشقو ڪڍي
۽ دير ۾ ويهي
جان ڇڏائي وئين
پر هي ويهين صديءَ جا پاڳل
بابري مسجد کي

ڏاهي ڇڪا آهن
توڪي رام جنم پوميءَ ۾
داخل ٿيڻ نہ ڏيندا

اهو سورو تبصرو ميرءَ سندس شعر کان سواءِ معنيٰ خيز نٿو ٿي سگهي ۽ نہ اهو تبصرو انهيءَ شخص کان ممڪن هو جو اردو شاعريءَ جي روايتن ۾ رچيل نہ هجي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي دانشورن کي مير انيس جو شعر ياد ڏيارين ٿا ۽ شعر سان گڏوگڏ انهيءَ تي تبصرو موجود حالتن کي Illuminate ڪري ٿو ڇڏي.

مير انيس جو هڪ شعر:

انيس دم کا بھروسہ نہیں ٹھہر جاؤ
چراغ لے کے کہاں سامنے ہوا کے چلے

سنڌ جي دانشور کي مير انيس جو هيءُ شعر ٻڌايان تہ هو ڪيس بزدل چوندو. هن کان وسري ويندو تہ هن ڪربلا تي زبردست مرثيا چيا ها. پر ڇا ڪجي، سنڌ جي دانشورن کو "شهرِ آشوب" ڏٺوئي ڪونهي.

هونءَ بہ اسان جا گهڻا دانشور "گنبذِ بي در" ۾ رهن ٿا، جتي آواز بہ ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. "موجِ خون" مٿي تان گذري آهي، دل ۾ لٿي ناهي. جيستائين اها قيامت جيڪا روز چوطرف رهي ٿي، دل ۽ دماغ تي نٿي لهي، احساس جي انهيءَ سطح کي سمجهڻ مشڪل آهي، جتان شيخ اياز ڳالهائي ٿو. "گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾" جي بليغ چوٽين يا Aphorisms ۾ هن غالب جي حوالي سان لکيو آهي:

"غالب چيو آهي:

کف افسوس ملنا عهد تجدیدِ تمنا ہے

ڇا الطاف پائي اها ڳالهہ سمجهي سگهي ٿو؟

هو سمجهي يا نہ سمجهي، ڇا اها ڳالهہ اُهي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا جن کي غالب سان رشتيداريءَ جي دعويٰ آهي؟ ڪٿي اردو انهن لاءِ ڊرامائي ڪردار ياDramatis Personeal فراهم ڪري ٿي، يا اها صورتحال تيار ڪري ڏئي ٿي، جنهن جي چوڌاري نظم جا لفظ Crystallize هجن ٿا.

"جوش مليح آبادي" هڪ پوربي لوڪ گيت جي سٽ
'نير ڪي نسڪولي پڪي، ساون آيا ري' جهونگهاري

تہ ھن جون اکيون پرجي آيون
مان پاڻيان ٿو تہ ڏرتيءَ جا سمورا موتي انهن ڳوڙهن
جي قيمت ادا نہ ڪري سگهندا
هو ٻي ڪيو ۽ هن ڌرتيءَ تي ڪرڻ نہ ڏنا"

انهيءَ ڪتاب ۾ ميراجيءَ کي خراجِ تحسين پيش ڪيو اٿس:
"ميراجي! تو مون ـ کي بچائي ورتو. پنهنجي ڌرتيءَ سان تنهنجي محبت مون لاءِ بچاءُ بنجي آئي. مان ودياپتي ۽ چنڊي داس کي تنهنجي منظوم ترجمي ۾ نہ پڙهان ها تہ مان ترقي پسند لهر ۾ وهي وڃان ها، جن ۾ ٻيا ترقي پسند شاعر وهي ويا. تو مون ۾ نہ صرف بورزوا بلڪ جاگيردارانہ دور جي شاعريءَ لاءِ بہ عزت پيدا ڪري ڇڏي."
انهيءَ کان اڳ راشد کان بہ سوال پڇيو اٿس:
"ن-م-راشد! جڏهن 'سليمان سر بزانو اور سبا ويران' آهي تہ باقي هن "بيڪران دشت" ۾ ڇا رهيو آهي؟"
فيض جي حوالي سان سندس هيءُ جملو ڏيان جوڳو آهي:
فيض جيل ۾ نہ هجي ها تہ ڇا هو شاعري ڪري سگهي ها، جيڪا هن "دشت صبا" ۽ "زندان نامہ" ۾ ڪئي هئي؟"
۽ "دست صبا ۽ زندان نامہ تخليق ٿيڻا هئا، ان ڪري فيض کي جيل وڃڻو پيو."
ساڳي طرح: "فيض خوش نصيب هو جو گلاسنوسٽ ۽ پيرسترائيڪا کان اڳ ۾ ئي موڪلائي ويو."
هڪ ٻئي نظم جو تاجي پيٽو مجاز جي حوالي سان مڙهيو اٿس:

"مجاز وانگر جوانيءَ ۾ موت
چپن تي هڪ پيغمبرانہ گيت
۽ شڪست خورده تبسم
اهو موت ايترو مشڪل ناهي،
مشڪل تہ يگانہ چنگيزي جو موت آهي.
پيري
بيماري

ويچارگي
۾ عبدالماجد دريا آبادي جي ڇهري تي
فاتحانہ تبسم"

اردو سان شيخ اياز جو معاملو ابو طالب ڪليم جي لفظن ۾ ڪجھ هن طرح جو رهيو آهي:

درميانِ من واو الفتِ موج است وڪنار
روز و شب بامن و پيوستہ گريزان از من.

انهيءَ ڪري هو اردوءَ وارن لاءِ بيحد اهم شاعر آهي. اهڙو شاعر جنهن ڪي پڙهڻ دراصل پنهنجي ئي تهذيب جي باري ۾ نت نوان انڪشاف حاصل ڪرڻ آهي. مير چوائي:

جس چمنِ زار کا تو ہے گل تر　　بلبل اس گلستاں کے ہم بھی ہیں

ثقافتي ۽ تهذيبي حوالن سان گڏوگڏ شيخ اياز جي تخليقي شخصيت جو هڪ اهم پهلو مختلف صنفن سان سندس لڳاءُ آهي. بيت هجي يا غزل، وائي هجي يا نظم، سلطان باهو جي هيئت هجي يا ڪوبہ جديد تر ذريعہ اظهار، هو انهن سڀني کي پنهنجي شعري ضرورت جي قالب ۾ ٺهڪائي بيهاري ٿو ڇڏي. پر سڀني کان تعجب خيز نثر ۽ نظم سان سندس سلوڪ آهي. نغمگي سان ڀرپور شاعر هئڻ جي باوجود هو نظم کي اُتي ڪٿي ٿو وڃي، جتي نثر جون حدون ملنديون آهن. ساڳيءَ طرح هو ائين بہ ڪري ٿو جو جملن، ڇوٽين يا نوٽس جي صورت ۾ لکيل ظاهري طرح غير رسمي نثر ۾ شعر جهڙي ڪيفيت ڀري ٿو ڇڏي. نثر ۽ نظم جي ممڪنہ ميلاپ جي ويجهو پهچي لکڻ، سندس هڪ بيو ڪمال آهي. هونئن تہ مغرب ۾ نثري نظم بہ لکيو ويو آهي ۽ نظم جي انداز ۾ نثر جا نمونا پيري لوئي The Songs of Brilitis ۾ پيش ڪيا آهن (هن ڪتاب جو حوالو تنوير عباسي جي تازي ڪتاب ۾ بہ آيل آهي) ۽ بورس پيسٽرنڪ اهڙو تصور ڪيو آهي جو ايتري قدر دبيز ۽ Tightly oacked آهي جو انهيءَ مان برف کي چيڀاٽڻ جا آواز اچڻ لڳا. شيخ اياز وٽ اهو ميلاپ شاعر جي انهيءَ Vision کي گرفت ۾ آڻڻ جي ڪوشش آهي جو هر وقت ذات وانگر لهندو رهندو آهي ۽ لطافت جو اهڙو پرت آهي جو هٿ لائڻ

سان ٽٽي پوي. آتم ڪٿا، خاڪا، ڊائري، حد ته اها آهي جو اخباري ڪالم به شيخ اياز جي انهيءَ شاعراڻه ڪمال جا جزا آهن.

نظم جي ڪيفيت ۾ لکيل انهيءَ نثر ۾ تخليق سان گڏوگڏ تنقيد به موجود آهي. شيخ اياز جو ذهن هڪ وڏي نڪته رس نقاد جو ذهن آهي، پر اهو تنقيدي عمل شاعري اندر رهندي ڪم ڪري ٿو. سندس تنقيدي ذهانت پين جي شاعري تي ڪارفرما ٿي ٿئي ۽ نه مولانا حاليءَ وانگر خود شعري عمل جي باري ۾ ان طرح جا سوال اٿاري ٿي جو مقدمه شعر و شاعري قائم ٿئي. اها تنقيدي ذهانت هڪ انگريز نقاد چواڻي:

"It is a critical intelligence operating not on, but within poetry."

انهيءَ ذهانت جو منبع و موضوع پٽي هڪ آهن، يعني شاعر جو پنهنجو تخليقي عمل. انهيءَ لحاظ کان شيخ اياز لاءِ چئي سگهجي ٿو ته "اياز قدرِ خود را بشناس" هتي به هو غالب وانگر نڪته دان ۽ معنيٰ آفرين شاعر جي قربت ۾ نظر اچي ٿو، جتي تنقيدي شعور عمل جو حصو بنجي وڃي ٿو. ٿورو سوچيو، نغمگيءَ جي وسڪاري سان گڏ شعور جي اها دولت ڪيترن شاعرن جي حصي ۾ آئي آهي؟ اهڙا نالا آگرين تي ڳڻي سگهجن ٿا ۽ اياز انهن مان هڪ نالو آهي.

مختلف تهذيبي ڌارائن جي آويزش، نثر و نظم جو ميلاپ، صنفن جي فراواني، تنقيد ۽ تخليق جو قلم جي نوڪ تي سميٽجي اچڻ ۽ لفظي پيڪر اختيار ڪرڻ، انهن سيني ڪيفيتن ۾ پلٽيل آهي. شيخ اياز جي شعري شخصيت اها "قرآن السعدين" آهي، جيڪا ڪنهن کي ورلي نصيب ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري مون کي اڄ هن وقت خدائي سخن مير تقي مير جو شعر دل تي تري اچي ٿو:

باتیں ہماری یاد رہیں پھر باتیں ایسی نہ سنیے گا
پڑھتے کسی کو سنیے گا تو دیر تلک سر دھنیے گا
سعی و تلاش بہت سی رہے گی اس انداز کے کہنے کی
صحبت میں علما فضلا کی جاکر بڑھیے گنیے گا
دل کی تسلی جب کہ ہوگی گفت و شنید سے لوگوں کی
آگ پھنکے گی غم کی بدن میں اس میں جلیے بھنیے گا

اڄ شيخ اياز صاحب کي سامهون ڏسي اڄ جي ڏينهن جي تحفي جي طور ڪيس روسي شاعره مارينا تسي تائيوا جو هيءُ نظم پيش ڪرڻ چاهيان ٿو:

مون کي سچ جو علم آهي، باقي سمورا سچ ڇڏي ڏي!
دنيا ۾ ڪنهن به ماڻهن جي چڪتاڻ ۾ ڦاسڻ جي ضرورت ناهي
ڏس، شام ٿي آهي، ڏس رات ٿيڻ واري آهي
توهان ڪنهن جي ڳالهه ٿا ڪريو شاعرو، عاشقو، جرنيلو؟
هوا هموار آهي، زمين ماڪيل
آسمان ۾ تارن جي طوفان ۾ به ماٺار ٿي ويندي
۽ جلدئي اسان سڀ مٽيءَ هيٺان وچي سمهي پونداسين
اسان جيڪي هڪ ٻئي کي مٽيءَ مٿان ڇٿڻ سان سمهڻ نٿا ڏيون

شيخ اياز صاحب! اڄ اوهان جي جشنِ سالگرهه جي مناسبت سان غالب جي دعا ۽ مبارڪباد ياد اچي ٿي:

تم سلامت رهو هزار برس
هر برس کے دن هوں پچاس هزار

اوهان جي شاعريءَ جو عرصو انهيءَ وقت تائين آهي، جيستائين هن دنيا ۾ شاعريءَ جو نالو رهندو، پر ايتري ڊگهي عرصي ۾ اوهان جي شاعري ٻڌڻ ۽ پڙهڻ لاءِ اسين ڪٿي هونداسين. منهنجو من چوي ٿو ته اوهين پڙهندا رهو ۽ اسان ٻڌندا رهون ۽ اهو حساب هلندو رهي.

مے باقي وماهتاب باقيست
مارا به توصد حساب باقيست

## آصف فرخي

ترجمو: ولي رام ولڀ

[هي مقالو ڊاڪٽر آصف فرخي اردو ۾ شيخ اياز جي ٦٥ هين جنم ڏينهن جي تقريب جي موقعي تي ۾ سنڌس روبرو مارچ ١٩٨٧ع ۾ پڙهيو.]

# بيت

ڏلي چڏ مهارَ ، ساھُ تہ پَٽ کو پنڌ ۾
اڳتي نہ ھاڪار ، اڳتي رِڻ راڙا ڪري

ڪڏي پيرن مان ڪڪرا ، اڳتي پنڌ نہ پوءُ
اڳتي ڪيڏو توءُ ، اڳتي رڻ راڙا ڪري

رڙ تِن سان ٽڪرائجي ، ڪاڏي آهي موٽ
ڪيڏا توکي ڪوٽَ ، اوچا آهن ڪُنگرا!

مورکَ منهن تي چو ائين ، ڪِل ڪِل ٻُٽيهي؟
چا تو هئَن بِيهِي ، ڪنهن واٽهڙوءَ سان وَندين؟

سياري جي رات ۾ ، ڪوئلا ٻرن ٿا
سپنا ورن ٿا ، جيوَن تنهنجا جيءَ ۾

گهوڙي پئي زينَ ، اَڙيءَ سان اُڏرڻ لڳو
دهڪو هيٺ زمين ، مهڪيو مٿان وائرو

ويهي پپل هيٺ ، ٻاري ويون ڏيئڙا
ڪاٻہ نہ رهندي نيٺ ، هر ڪنهن جوت وسامندي

گوريِ تي اک ٽيٽ سان ، ڳيروءَ کي تاڙي
جو هن جي واڙي ، مينهون ڏهي تو پيو

اندر اوراٽا ٻُڌي ، ٻُڙڪيا ٻنيءَ رات
جن تي ڏمري ڏات ، ننڊ نہ تن کي آئُڙي

اُتي هَٿ منهن ڌوءُ تون ، ٻي ٻہ مِلي تي ٻاڪ
تنهنجي لوئيءَ لاڪ ، جئن اڳ ڪان گهاٽي ٿئي

کاري رات کھنگ

تو ھِي کھڙو ڏيجڙو ، اڳتي ڇا ايندو!
ائين ئي ٿيندو ، جيڪي آ تقدير ۾

ماڻھوءَ وَس تقدير جي ، ڪائي ڪَڙي ناھ
ڪا شيءِ ڇڙي ناھ ، ھر شيءِ آ زنجير ۾

رڳو نيريون نيرڳيون ، تنھنجون پيريءَ ۾
سانجھيءَ نيريءَ ۾ ، جن تي پرڇايون ھيون

ڪنھنجي وَڻ مان تو ڇِڳا ايڏا شفتالو
جو سڀ مڙسالو ، توسان ريسارا ٿيا

ھن جون ٻانھون ٿا ڏسن ، مرڪي سڀ مٺيارَ
بيھي وچ بزارَ ، چوڙيون جا پائي پئي

ڇرڪي بيٺا اوچتو ، لوڪَ ويا ٿي لَسَ
جھومي ڳچيءَ ھسَ ، جرڪائِي ڪا جندڙي

سانجھيءَ پاڇاوان وِڏا ، جڏھن جوڙي تي
پنھنجي گھوڙي تي ، پيلھہ ويا تي ٻارَ سان

سمجھو تن کي ٻارڙن ، ٻاک ٻنيءَ ڪينھو
ڏرتيءَ تي ڏينو ، ٻڙ مان رات ڇٽيا ھُيا

سرتي! تو سينگار ۾ ، ڪيڏيون ٻانھيون ٻُڪَ!
ھٿ چُمن تا ڏُڪَ ، جڻ پيالي مان سونَ جي

ڇا ڇا سوچڻ ساڻ ، اکيون ٻوٽيءَ اوچتو
جڻ واٽينڊي واڻُ موجيءَ ننڊ اچي وئي!

ڏِس وھندي درياھ تي ، سرتا! سانوڻ مينھَن!
اھڙا جوين ڏينھَن ، ٻيھر ايندءَ ڪينڪي

ڪونہ لياڪو لوڪَ ۾ ، پاتو مون موٽي
توسان وڇوٽي ، مورُ نہ وٽي شاعري

تون ڇا پڇين ٿو پيو ، مون تہ نہ سوچيو آهہ
وِرچي لوچيو آهہ ، تو ڇو منهنجيءَ لوچَ تي؟

هاڻ تہ ڇانئي ٿي رهين ، روز گهٽا گهنگهور
جئن پو زوران زور ، جر ٿَر سڀ ٻوڙي ڇڏيئہ!

جيسين پهچون ماڳ تي ، هانءُ نہ هيڪاندو
کهڙو مانجهادو ، پنڌ پري آ پانڌيا!

آهي جڳَ وِسار ، تڪيءَ نديءَ وهڪ جئن
ڪنهن کي هن سنسار ، سدا ناهي ساريو

شاديءَ ڪان پوءِ نينگريءَ ڇا آهي ڇيئي
ڪتولي ويئي ، اگهڻ ۾ اوري پئي

هي جيڪو مٺيارُ ، موتي پوئي اُپَ جا
اُن جو پار اَپارُ ، جي مون کي ڏيئي سگهين!

ڇيل ڇپيليون ڪيتريون ، هي سارو ماٺو
مٿيءَ وهاٽو ، انت مِٽيءَ ڪي ننڊ ۾

جيئين تتر ڪارڙا ، پڇري ۾ ڦٽڪن
تيئين منهنجي مَن ، آهن تنهنجون ڳالهڙيون

ولر گُهمرا ڏِين ، جُهڙالي آڪاس ۾
بوندون ٽپ ٽپ ٽِين ، پرڙن مَٽَ اڏام ۾

پُنِي ڪُنييءَ وانگيان ، ظاهر گج منجهان
پريان توکي مان ، ڪئن نہ سجاتو سُندري!

تو جنهن تورَ تلورَ جي، پيهر ايندينءَ تون؟
ويجهي ٿيندينءَ مون ، منهنجي تور ئي ڪيت ۾

اُتي اَسرُ ويرَ ، توکي ڳائي مون ڇيو
واريءَ پنهنجا پيرَ ، رهي رهندا ڪيترا؟

# ڪاري رات ڪهنگ

ڏاڙِي منهنجي ڏول کي ، ڪتان ڳولي آءُ!
مون کي اُتر واءُ ، ڪيڏا وڍ وجهي پيو!

نيڻ سُرنگا ساجنا! ڪتان آندا تي؟
ڀؤنرا ماندا تِي ۽، ڀِري ڀِرن ڪيترو!

ماهي مڪڻ جيئن ، تنهنجا ڳل منهنجا پرين!
ٻيو مان ڪيان ڪيئن ، ڳڻ تنهنجي جي ڳالهڙي؟

پڇري ۾ ڦاٽي هئي ، منهنجي هڪ مئنا
ڪيڏا بي چئنا ، اُنَ ٻه ڏنا ڏينهڙا

انبن پڪيون انبڙيون ، لڳي پئي لُڪَ
چوراهي تي چُڪَ ، ڪنهن کي ڳولي تي پئي

هيل تہ ڏڪڻ زور سان ، لڳي ٿو ڏاڍو
مون مَن تو ڪاڍو ، ساري توکي سپرين!

هٽ وڏو نينگر ، توڙي گاڏيءَ ڏوڙٽي
سارو رستو پر ، جهولي پيو پينگهه جئن

پڪي خواب لهن ، ساري وطن ٿاريون
ڪاريءَ رات ڪهن ، اونداهي آڪاس ۾

اڪيري ۾ آ سُتل ، هي جو ڍانڍيئڙو
ڪهڙو اوسيئڙو ، آهي اُن جي ننڊ ۾؟

هو جا ٻير بهار ۾ مالهيءَ ٿي چانڊي
اُن هيٺان لانڍي ، اُترڙو اوتون ڪري!

ڪيئن وساري اڄ ٻَلا ، پنهنجي پياريءَ کي
ڪارو ڪاريءَ ڏي ، چَنڊُ چِڪي تو چيٽ جو

اکين صراحيون ، پرجي پرجي ٿيون اَڇن
جام و مينا جون ، ڪري ڪري ڳالهڙيون

## ڪاري رات ڪهنگ

تو بن جيئڻ ڏنڀُ ، پَري پريان ڪيترو
تون جا منهنجو چنڊُ ، آهين آڌيءَ رات جو

ڪونجن راتِ ڪريڙيو ، رِمي متّان روهَہ
مون کي کهڙي ڏوهَہ ، باندي رکيءَ بند ۾؟

اُرهہ سُرنگي نينگري ، توتي ٻٽا چَنڊَ
توکي ساري مَنڊَ ، جڻ پيڪوڙيو پاڪُرين

جهور ٿئي پانو ، جُهري جيئڻ ڪتاب جو
توڙي اَٿ - ڪانو ، آنءُ اڳي جئن آهيان!

هيٺائيءَ ۾ هارَ ، متان مچين تون
متان پچين تون ، ڦُلن پَريون ٿاريون!

جيڪر منهنجي تون ڏسين پيري شفق رنگ
مون جنهن تُتهنجي سنگ ، تہ پهريءَ ٿاريون پٽيون

ڪتي آن؟ ڪنهن جاءِ تون؟ پرهه ڪان پياري
منهنجي سواري ، پوئين پهر اَچي وئي!

پُٽڪيون پنيءَ رات ، ڪُونجون ڪٺڪيون روهه تي
مون ۾ تنهنجي تات ، اُيري آئي اوچتو

ڪڪن جي پَتري ڏنل ، آڏيءَ اڪَ ڏسي
چورِي چوري ڪي ، سامائي آ نينگري

متان سارس مارئين باهر ٻنيءَ ۾
جنهنجي ونيءَ ۾ ، واءُ ڪنديريا ڪنيڙا

ڏهندي مينهن ڏسي پيو ، توڏي ڏوجهارو
•ڪيڏو لشڪارو ، چوري تنهنجا ڏرگلا

---

• لشڪارو: (پنجابي) چمڪ
ڏرگلا: ڪنن جا زيور

"ڪهڙي ياوَ مَکڻ؟" ، تنهنجا ڳل ڏسي چيو
"تنهنجو هر لکڻ ، لکُ لهي ٿو نينگري"

ايندينءَ منهنجي در وَري ، ماٽئين ڏينديءَ کير
تنهنجي نيٽن نِير ، رُکي رکندو ڪينڪي

سائو گج گلن سان ، ڪلهي ڪيائين ٻانهن
دل مان نڪتي دانهن ، جوين جاڙ ڪري وئين

هَٿ پرينءَ مينديءَ رَتا ، جهڙا گل اَنارَ
جيئين ڪيائين پيارُ ، منهنجا ڳلَ ٽڙي پيا

پيريءَ تائين مون ، ناهي وِک ڊري ڪئي
نيٺ چميندين تون ، منهنجا پيرا پَند ۾

پُڇڙَ تارا اُڀَ ۾ ، لميو لاٽونُ ڪَن
پيا هيٺ ڏِسن ، ڌرتيءَ پويان ڏينهڙا

پورهيتِ ڪي پوتي ٻدل ، ڪَتيءَ جو ڦرهو
اهڙو منهن سَرهو ، مان نہ ڏٺو سنسار ۾

ڏڪڻ اولهہ جي هوا اُڏامي واري
تي ڪامي واري ، ڪيڏي تپت لُڪَ ۾!

رَسُ چوسي تي نينگري ، جوئر ڪاني جي
ڪانگڙ تي جهرڪي ، پيئي ڏسي ريس سان

هي ڪُڙميءَ ڪوڏر ، جنهن جي دل بيهجي وئي
سوچي سوچي گهر ، هن جي سُڌ رسائيو!

جر - ڪاوا جرڪن ، چاندوڪيءَ ۾ چيٽ جي
ڪنڌيءَ سَرسَرڪن ، ٻُڙا پيا واءُ ۾

اَچڙِي چڙي تِي ، اُجري ڪَري پاڻ جئن
منجهند لَڙي تِي ، آيُون سيڪي اُن جا

مائِـي مريـڙو ، پَـٽي آئي جهول ۾
گهر ۾ اوسيـئڙو ، ابهم سـڀ آسائـتا

ڪينجهر مٽان چنڊ ۽ ڪپر تي چاريون
جن هيئـان ڪاريون ، چڏي ويون ماگَـريون

ياٽيجي ۾ پيٽ ، جڻ پيو آنءُ ڏسان
چئجي ڪيئن ڪٽان ، شروع ٿيو سلسلو!

گاڏي پئي ڪَـڙٻ جي ، وڃي رستي تي
ڏِسُ تہ ڪيئن چڪي ، چوسن ڳنا ٻارڙا!

پيري پاسيري رکي ، مان تو مَن مانديءَ
پنهنجي سيرانديءَ ، هٿ سهلايو هَـٿَ سان!

ڏسُ هو سُـڪو وڻ ، جنهن ۾ ڳوُنچ ڦٽي پيا!
چو توکي اُڻ تڻُ ، هيٺو هانءَ کي ڏسي

متان آڪيرو ، ڏانديئڙي جو ڏاهئين!
متان رُت ڦيرو ، ڪائي ۽ موٽي اچي!

ڪيڏي چُپَ چپات آ ، ناهي ڪو انسان
آ رستو ويران ، گهرڙا بند ، ٻه ٻارڙا

ڪنڌيءَ متي جهوپڙا ، ڊونڊيون هيٺ ترَن
پيڙين منجهه گهرن ، دکي پئي باهڙي

پنهنجي رِڍ ڏهي ، وٺو رکيَ ڪير جو
پيو مڙس ڏَهي ، ڪيڏا هٽي هڏڙا!

سارو گهر يان يان ڪري هيڪلڙيون پينر
جِن مان ونيءَ ور ، رات مَري ويو ماٺ ۾

مُڙس تہ دانگوڙو ، وَنِي سوني جي ڏلي
پيچان ڪئن ڪوڙو، مان تن جي تقدير جو؟

## ڪاري رات کهنگ

ٻهڪي پئي نينگري دَر تي دُهل وَڄن
آندو ڏُهلارين ، اوڙي پاڙي ساڱ ۾

ڦڳڻ ڦوڳ ڦلاريا ، نگر تي نائو
نينگر هٿ پائو ، ڇا نـ سُريلي جندڙي!

ڪڏهن ڪڏهن نينگريون ، اَمڙ سان لورين
تُراڙي تورين ، پنهنجا سارا ڏڪڙا

ڪاڏي نئي ٿي نينگري ، ڪاڏي ڳُجر ڪي؟
سارينديِ گهر ڪي ، جو ٻوڙها ٻاڙي پئي

ڪڏهن گلَ گلاب جا ، ڪڏهن پتيون واءُ
دل تي چوي ’آءُ!‘ هيرون هرڪائن پيون

تتر ڪرڙي اُپءَ ۾ ، هينان هي هالار
ڪيڏو توتي پيارُ ، آيو مون کي جندڙي!

پکين گهمرا واءَ ۾ ، ائين جيئن تون
نوڙي هيٺ لٽون ، پاٽيءَ منجهه پُسائين!

اُره پرينءَ جي ڪنچوئو ، ماڪِي نه ماپِي
داپِي نه داپِي ، اُن تي اک ڪپي وَئي

ڪجاوي تي ڪامٽي ، چَند ٻه ڏوليءَ سيئن
آهي چاچيءَ جيئن ، هُن سان هُن جيءَ واٽ ۾

آڏا ڏونگر ، ڪهه گهٽي ، آڏيءَ تڪِي ڪونجَ
رڳو هُن جي گونج ، رهندي هِن سنسار ۾

هي جا ڏوڏيءَ ڏيءَ ، آهي اَڃي ڪير جئن
اکَ ڏسي آڏيءَ ، مينهن ڏهي تي واڙ ۾

متان ڪچي انبڙي ، ڏوٽي توکي واءُ
توکي تنهنجي ماءُ ، ڪنهنجي لاءِ جٽي وئي؟

پايان توکي لُڙڪ مان جُتيءَ مَنجھ جَڙي
پيرَ تہ روڪِ اَڙي ، آهين تون ڪنهن پار جو

ڪاڏي هلينءَ ڪامڻي ، پائي تون پَنڙا
ڪيسين هي ڪنڙا ، لوڏيندا تِن لوءِ ۾؟

هي ڏِسُ اوچو بَڙُ ، ڦان تي ڌرتيءَ تي ڪريو
وسري ويندو وَڙُ ، جو هن ڌرتيءَ سان ڪيو

اَجڙي چَڙي تي ، اُجري ڪري پاڻ جئن
منجهند لڙي تي ، آيون سيڪي اَن جا

ڪيڏا اترڙو ، ڪڪا پن چاٽي پيو
ڪيڏو نہ ڪرڙو ، ٻهراڙيءَ ۾ واڱرو

هي جو اَمڙ پيارُ ، آهي ان کي ٻار سان
جڻ سارو سنسارُ ، آ هن جي آغوش ۾!

پُرتُ ٻڏائين ڳنڊ ، هڪڙي پاسي چيلهه تي
ڪيڏي اَتَ اُڪنڊِ ، ٻئي پاسي ڪان ٻارڙو

اَنگل آرا ٻار جا اهڙي ٻي ڪا شيءِ
عُمرِ! تومون لئہ ، ڪيڏيون آنديون سوکڙيون

چونڊي ڪَتيءَ جا چيڙ ، نينگر وئي گهر
"اُتي امڙ تَرِا!" ، ڪجهه تہ ڪاٺون مينهن ۾!

ڪائُرڙ ساريون ويرون ، وهن ٽيون ٽمڻار
هن پيري وسڪار ، ٽر ڪي ورسائي ڇڏيو

آهِليون، اُپ ڪَپريون ، پِٽون دور وڄَنِ
اُفق منجهه ٻڏن ، چڙ سنجها جي سَمنڊ ۾

جيئين ڪرڙا چنڊ جا ، لهرن متَ لڇُن
تيئين منهنجي مَن ، آهن تنهنجون ڳالهڙيون

## ڪاري رات کهنگ

پرين تنهنجي ويڙهہ تي ، منهنجو جيءَ جڙاءُ
جنهن ڏي هَٿ وڌاءُ ، چنڊ ڏسي ٿو عيد جو

جيئين مٽئي تِڪَ ، ايئين نينهن نگاهہ ۾
مون ڪي تنهنجي چِڪَ ، چڪَي پنهنجي پاڻ مان

هوءَ جا نناڻين ، آئي منهنجي راهہ ۾
انهيءَ سدائين ، چاڙهيو مون ڪي چيڻَ تي

دل ڪولي رابيل ، تنهنجون سڳنڌون ڏنيون
هاڻ بہ وچڻ ويل ، خزانا خوشبوءِ جا

سَوَڙ سوڙهي ڪانہ آ ، اوري آءُ سُري
ڪيڏي نانهہ لُري ، لانديءَ سنهيون ڪائيون!

ڇا جيڪو ميهار هو ، هُيو سهڻيءَ خوابُ؟
ڇوڏينهن رات چنابُ ، پُڇي پئي چنڊ ڪان

هندورو هالار آ ، منهنجي لاءِ تہ هوتَ
ناهي ڪا ڳڻ ڳوت ، مون کي تنهنجي پيار ۾

هي جا چاهت چتَ ۾ ، ان جو انت نہ مُور
پويون ناهي پورُ ، ڪڍهن جيوَن ناوَ جو

ڪيئي پيارا ناوَ . وٺي سگهان ڪينڪي
هُرن اندر هانوَ ، ڪُرن مون ۾ ڪيترو!

هُئي بيتي پاڻ تي اچا اڏوري
ڪالهہ اُها پوريءَ ، آنءُ ڪئي هئي روس ۾

هو جا آئي گارگي ، ڪاريءَ گَجر جيئن
سا مون ڪارڻ ڪِيئَن ، ڪَپي وئي پاڻ کي!

ءِ هو جيڪا ماٺ ، ٻاڦ نہ ٻاڦي ٻاهران
توڙي ڪاٺون ڪاٺ ، ساهہ انهيءَ سان سنگهرين

# ڪاري رات ڪھنگ

چانگا مانگا ۾ ، هُن سان لتا ڏينهڙا
جڻ ڪنهن چايا ۾ ، گذري ويئون ڪي گهڙيون

مُسرت جا ڏينهڙا ، ڪڪر ڪَتيءَ جا
پاچا بتيءَ جا ، ڪاري ڪارونيار ۾

نہ ڪي دَڙ درياءَ جا ، نہ ڪي ڍَوُ سيسارَ
سهڻيءَ ڪي ميهار ، ڇڪيو جڏهن ڇوھَ ۾

هيل تہ ڏڪڻ زور سان ، لڳي تو ڏاڍو
مون من تو ڪاڍو ، ساري توکي سپرين!

چوريءَ ڳالهيون ساھ ۾ ، جڻ تي آيون وِجُ
"چاتيءَ ائين نہ ڇِچ ، ٻاھر سيرون سيءَ جون"

تنهنجو بدن بوسڪي ، جنهن جي مٿان گجُ
ليئا تو سورج ، پائي لئيءَ جي پنيان

تنهائيءَ ۾ تون ، چمڪين پئي چنڊ جان
توسان مُنهنجو مون ، چڙ چوليون درياهه جون

آلا ٽوٺا راتڙيون ، ڏکَ نسورا ڏينهن
اَمڙ! مون کي نينهن ، ڇالاءِ ڇيڇاڙيو اِئين؟

ڏِسي پٽَر مان ، پوتيءَ ڍَڪي انگڙا
هو جو لوڙن سان ، آهه نئون پاڙيسري

چوري ڪجهه نه چئي پَئي ، اکيون ڪري هيٺ
آهي هن جو نيٺ ، پَٽو پيو ٻيءُ کي

مَلين پئي ميٺ ۾ ، جئن ليمي جا پَن
توکي ڏسي مَن ، ريٽيون ساريون ڪامٽيون

چنڊ وڌائون پاڪڙي ، هڪڙي پاسي ڏي
ٻي پاسي توکي ، جيئن نه نِوي پاڪڙو

پڪو پونهارن سان ، متان جوڙين تون
جي تون مجين مون ، چيتِ نہ تن جون چانئنئون

مون ڪان پنڌ نہ مورُ ، اڳتي تي ينيور ڏي
تيندو نيٺ اَسورُ ، آرياڻي هِنَ رات جو

هي جو ڪُٺڪو پار جو بيماريءَ آيو
دنيا بيءَ آيو ، جاڏي هن جو پيرڙو

آملھ آتڻ تي ڪهِي ، آيو آ مون ڪاڻ
گهاتو اَمُل آڻِ ، بيٺو آنھ بجير چو؟

لالڻ ميندي لاءِ ، سيان ڏينهن وهانوَ جو
اُتي ريٺو پاءِ ، آيو آهي رنگجي

ماضيءَ جهڙي اي ڪَوي! ميڙي چوندي ناھ
جيڪي چاهين چاھ ، سارَ تجوڙيون ڪيتريون

نٿي نگر راتڙي ، پوريءَ ماجر ساڻُ
پانيان پنهنجو پاڻُ ، آهه تَماچي تڙ ڏٽي

بادِ صبا ۾ ، آ تنهنجي خوشبو پرين
مان توکي ڇا ۾ ، ڍڪي ڍڪيان لوڪ کان؟

•پاڻ تہ وڻين ڦهلجي ، منهنجو کھڙو ڏوهہ
تو ۾ منهنجو موهہ ، ڪيسين گھاري گيتَ ۾

الا هڪَ گھڙي ملي ڪسيئہ سپ چمارَ
مون سان تنهنجي تارَ ، ڳنڍي رهي ڳجهَ ۾

چاڻين پئي پيرَ ، پرين پئي ٽوڪري
چئہُ تون آهين ڪيرَ؟ ايڏو تون ڇو ٿي وڻين!

صدين جي سيلاب ۾ ، ڏٺو هوندو سان‌ءَ
ايئن لڳي ٿو پانءَ ، پل لئہ ڪٿ آهين مِلي!

---

• مصنف جي ماضيءَ جي هڪ واردات.

## ڪاري رات کهنگ

تنهنجا تيل قليل ءِ ، قُلن جا جوڙا
راتيون راسوُڙا ، چم چم سارا ڏينهڙا

پوئين دم ديدار لئہ ، ڪيڏو منوسڪي
گوڏن پر گِسڪي ، جيءُ جڏو تو پار ڏي

متان ڪَهارو ، ڏوليءَ ڪي لوڏو اَچي!
اڄ هن جو سارو ، ساهہ پيو پيڪي وڃي

ڀهراڙيءَ جي نينگري ، ڏسي ٿي ڪونجون
سوچي ڪيسين مون ، نِيرَ هوندا نيهن تي!

تون ئي نانهہ اَنانهہ ۾ ، تونئي منهنجي آنهہ
جيئين ڪائي سانهہ ، اوچي اُڏري واءُ ۾

چوري چِتي رات ، چوريءَ ٿيي ڪُڏ تان
آهي عورت ذات ، هيريءَ سنديءَ هير سان

هو جو تنھنجي دَرِ ، آهي نم جي ڇانو جھڙن
ڪعبي ڪاشيءَ ڪَرِ ، مورُ نہ تنھن لئہ پنڌڙا

توڏي تَڪَ نہ تَڪُ ، پير نہ مون ساهيا ڪتي
مون ڪي سارو لَڪ ، پَٽُ پٽيهہ تي لڳو

تنھنجي چاهہَ چُرون ، ڪَيون پنھنجي ساهہ ۾
کھڙي طرف سُرون ، چئني طرفين تون هئين

پاريھر جھڙا پرين ، پيھر اُڏري آءُ
تنھنجو لونءَ لڳاءُ ، مون ۾ ٻَر ٻَر تو ٻري

نيٺ تہ ايندو واهرو ، ڪاهيءَ مان ڪٽندو
نيٺ تہ مون وٽندو ، سائو گاهہ پٽن تي

توڙي هُيسِ ڪَچَ ۾ ڪکيءَ جو ڪارو
ڪينجَھر ڪنارو ، نوريءَ ويندي واسيو

## ڪاري رات کهنگ

نوري ڪتوري هئي ، توڙي اَڌيءَ اوٽَ
چام تماچيءَ گهوٽَ ، چونڊي وتي چاهه مان

سڪيءَ ٻئنسر سون جي ، ڌهري ديد چڪي
ڪتي اک ٽِڪي ، جهالر ٽي جهلڪا ڪري

جُڙئي پاٽيءَ ۾ ، توسان روح رچنديون
عمر وهاٽيءَ ۾ ، چا چا مون آ ساريو!

ڪيڏيءَ شدت سان وري ، مون اڄ ياد پيون
*منوءَ ڪيئن سڳيون ، چوڙي پئي ٻڏيون

جيئين نيري چانهه ، لڳي شفق رنگ ۾
ايئين ئي تون آنهه ، سيني منهنجي سانوري

تنهنجو تَن ايئين پرين جيئين اَڇو پَٽ
پريان ئي پَرگهٽُ ، ڊيرا ٻه ڊولاٽتا

* منو: مصنف جي ڪلاس فيلو.

آهي ڪنهن ڪنهن روپ ۾ ، چنبيليءَ خوشبو
اڄ بہ آهي تُو ، واسيو منهنجي واٽَ ڪي

آهي جڳَ - وسار ، تڪيءَ نديءَ وهڪ جئن
ڪنهن ڪي هن سنسار ، سدا ناهي ساريو

چِٽون پيچري ۾ پيو ، ٻولڙيون ٻولي
ڪڏهن در کولي ، اُڏري ويندو اوچتو!

هيڙها ، ٿاريون توت جون چڙِيون ڇهہ ڇهہ ڪن
*سارُون روز اچن ، بيگاريءَ تي باغ جون

وِتوهڙ ڪنهن ڪاٺ جي ، صدا ٿئي تو
ڪجهہ تہ ڏئي تو ، توکان مڱي منگتو!

ڪنڌُ تہ ڌوڻين تو ، چاٽين تو چا تو پڙهين؟
چڻ تون نُوڻين تو ، دلي لوڏيون ڪارڪون!

* بيگاري: شڪارپور جو هڪ ،اهہ.

چاتو چاڙٽهارَ ، تو جو منهنجي چتِ ۾
تڏهن تو ٻيهارَ ، مون کي ڏني جندڙي

پورو ڪرڻو آهہ مون ، اڃا سو پيغام
جيڪو سارو عام ، هڪ ٻئي جي ويجهو ڪري

ڪتان تو ڪوري ، ڪَپي تنهنجا انگڙا
هن جي ئي توري ، تون آن چڙهَ وَٽَ آنار جو

ڪڏهن هي سوڙها ، وَرَ وراڪا راهہ ۾
ڳاڙيندي ڳوڙها ، ملي ويندا پاڻ ۾؟

هي جا گهڙي لهر جان ، وڃي نہ موٽي
انهيءَ کي جوٽي ، جيڪر ڪنڌيءَ سان چڏين؟

متو نہ ڦيراءِ تون ، ٻيڙيءَ ٿمر تي
پڳيون نہ پر تي ، ڪيئي ٻڏيون سير ۾

جيڪي ڏوران ئي ڏسن ، سارن رستن کي
تون تن مستن کي ، چا لئہ پيو ڇيڙئين

جيڪو سڀ ڄمار ۾ ، تو ڪيو اتيار چارُ
اُن جو توکي بارُ ، آھہ گھڙيءَ ۾ لاھڻو

هرڪو هتيڪو ، آهي گھڙيءَ موت جي
ڪنهن جو ڪو نيڪو ، ناهي هن جهان ۾

پل جو پاڇائون آتي ، هي تيرو ميرو
ڪنهن جو آڪيرو ، سدا لڏيو ُلام تي؟

•مان ئي سارو دشت هان ، مان ئي حدي خوان
هي منهنجو ايمان ، واڳون تنهنجي وس ۾

دنيا طالب ڍوند جي ، ڪُتا ڦيريون ڪَن
تيريون ميريون ڪن ، حصي تي هرڪي ڪري

• حدي خوان: اوٺار.

## ڪاري رات کھنگ

دنيا طالب ڊونڊ جي ، ڪيڙا ڪيڙا تَن
مور نہ آ مَنُ مَنُ ، جيڪو ٻُلي آڪيو

لڳ لاڳاپا لوڪ سان ، ساڙي لب لالچ
روح نہ تنهن سان رَچ ، ڪجهہ بہ نہ آهي جندڙِي

سڀ ڪجهہ تنهنجو روپ آ ، تون جو آنهہ اَروپ
توڙي آنهہ الوپ ، ڇڻ ڪنهن شيءِ ۾ ڪونہ آن

جيئڻ هڪ درياهہ آ ، تون مان ہ لهرون
ڪونہ ڪتي نهرون ، سڌو وڃون سمنڊ ۾

ڇا ڪو آهي ، موت ٿو ، جنهن نہ ڇڏي رڙڪي؟
سڀ تي ائن ڪڙڪي ، وِڄَ ڪري جيئڻ وڻ تي

ايئين چئُو تہ پڪَ ، سِج سياڻي اُيرندو
ميان آڻ نہ شڪَ ، اکهيءَ آڏيءَ رات ۾

ڪيرتنن وانگر ، ڪهڙي گونج هئي اِها
هيٺ ڪَنن وانگر ، بادل آيا باک جا

رات شوالي مان ، جهانءِ اچي پئي جهانجهہ جي
چگو هاڻ ميان ، لڏجي جيڪر لوڪ مان

ميان ڳالهيون ڳجهُہ جون ، ڳجهيون رهڻ ڏي
تن ڪي ساهہ سلي ، هوند نہ هيڪاندو ٿئي

اڌ ۾ ڪير ڪتاب ، چڏي ويو اوچتو
رُنو چڻ تہ رباب ، اُن جي تار ٽٽي پئي!

وجهي پير رڪاب ۾ ، گهوُريائين منزل
پوءِ نہ وريس دِل ، مُنهن موڙيائين ماڳ کان

ڪاڏي ويو قافلو ، ائين چڏي باهہ
مَچ اجهاڻو ناهہ ، چڻنگون ڪيڏيون واءَ ۾!

رات رهڻ ڏينديم ، اڄ محفل آهي متي
رم جهم آهہ ڪَتي ، اَمل پيو اوتِجي

ڪـهڙيون سليان آنءُ ، ڳاهُون تنهنجون ڳالهڙيون
پوءِ بہ پليان آنءُ ، پاڻُ نہ تو اسرار ڪان

پِيُ نہ شل پرجي ڪڏهن ، نِپ نہ شل وسري
چنڊ ستارن کي ، ماٿهو تُڇ چئي ڇڏي!

تون بہ تہ پهريون لفظ هئين ، پوجو ويو ڦهلندو
اڳتي اڳتي ٿهلندو ، هن ساري سنسار ۾

قادرِ مطلق تـون ، ڦـهلي وئين اوچـتـو
ءِ ڏيـکاريئـہ مـون ، هـي ليلا سنسار جي

هي سارو سنسار آ ،سپني جو سپنو
سمجهيو آهي تو ، جنهن سپني کي ساپيان

ڏاند نہ هَڻُ ائن ڏورڻو ، متان گاڏيءَ ڪي
ايئين ڊوڙائي ، اونڌي ٿئي اڌ تي

هتان ٽرون ٽا ، نيٺ تہ ٽڌي ساهہ سان
نيٺ تہ مرون ٽا ، مٽيءَ سان مٽي ٿيون

آيو آهين موت ، ترس تہ هلون ٽا ميان!
اڃا آهي اوتَ ، ٽوري منهنجي جام ۾

رُڪي ماني ڪاءُ ، سُڪيو ڏينهن گذار تون
ننڊ نہ اهڙو ساءُ ، جهڙو بکئي پيٽ تي

ميان! تون ڏاتار ، متان هٿ ڊگهو ڪَرين!
تو وٽ پار اپارُ ، ٻئي دنيائون مُٺ ۾

ڇا سمجهيءَ ڪنهن ساڻ هو تنهنجو هي ناتو؟
ڳوڙهو ڳُجهہ پاتو ، جنهن ۾ تو سنسار جو؟

اڳ ۾ رڳو هِڪُ هُيو ، پوءِ بہ رڳو هِڪُ
وچ ۾ لِڪو لِڪُ ، آهي تنهن اسرار جي!

تو ڇا سمجهيو رزق جو ، آهيان مان محتاج
منهنجو سارو ڪاج ، پاڻ پيو پورو ڪري

هاڻي شڪ يقين ڪان ، مٽي آهيان آنءُ
هر شيءِ تنهنجو ٿانءُ ، ڀُري پيو ٻوجھ سان

سوچي پير وڌائجانءِ ، وِھ گهٽي واٽن
متان سَپ ڪاٽنُ ، ڏرڙ نہ ڏسين واٽ تي!

هي جو تنهنجو ڏيڍهو ، هي جو لوڪ ـ وڏاءُ
نيٺ تہ مِٽيءَ پاءُ ، مِٽيءَ سان مِٽي ٿئي

مون کي ڪنهن جي ڪاڻ آ ، جي تون پرچين مون
منهنجو رڳو تون ، دنيا ڪوڙا آسرا

ڪڪن ترها ڪيترو سهارو ڏيندا؟
آخر ٻوڙيندا ، اچي تڪيءَ سير ۾

پيسي سان تو مائٽي ، پئسو ئي سڀ ڪجهه
ڪيئن پائيندين ڳجهه ، اونهي جي اسرار جو

ڏئين ته ڏاتار ٿين ، ڏمرجين ته ڏي
ويندين هٿ ڇڏي ، سڀ ڪجهه هن سنسار ۾

جاڳن ساري رات جي ، ياڳ نه جن ننڊ
ڪن لئه وڳا گهنڊ ، ڪونه سجائه ڪاپڙي

هاٿي جيئن - ڇيڇڙو ، پينهين پيو هڏ
هاٿي ڪائي ڪڏ ، آئي آهي ويجهڙي

ڪاڏي ٿا ڊوڙن ، وٺ وٺ آهي ياڄ ۾؟
صدين ڪان ووڙن ، جيڪي ڪجهه ملي نه ٿو

ڪوڙي ٿي رهندي ، سچي ٽيٽي ناهه سا
ڌهندي ۽ ٺهندي ، ڪايا هن سنسار جي

مان جو چوان ٿو ائين ، ڪنهن بہ نہ چاتو آ
ڪنهن بہ نہ پاتو آ ، ائين ڳجهيءَ ڳالهه ڪي

توکي لڳي ڪانہ آ ، اجا لهر لپاٽَ
ڳُلنڊ۽ نيٺ ڪپاٽ ، ڪنڌيءَ ويندين ڪيترو؟

ميان متان موت کان ڪڏهن گهبرائين!
متان من لائين ، هن جوڻي سنسار سان

ڪيئن پيو تو رِتجي ماٺهوئڙن ميلو
پڇي تو پيلو ، ترندي ترندي تار ۾!

ڪئن چئجي هي ميز تي آ پوئين ماني
آهن مهماني ، مرڻئي جيئڻ ڏينهڙا

منهنجي ننڊ ڦِٽائِيَين ڇو تو ميان تون؟
ڇو تو ڏئين مون ، جاڳڻ جون ايڏيون گهڙيون؟

ڪيڏي ڳاڙهي اوت ، بادل ڪَن تا شام جو
پري ڏڪي موت ، ويجهو آءُ وجود جي

•چڪٿو آ هــر شخص کي اِن جو ذائـقو
ايڏو ڏر آ ڇـو ، ميان تـوکي موت جو؟

ڳالـهہ ٻُڌي تو موت جي ، خار اچي ٿي پر
مـوت تـہ پيغمبر ، سدا سارينـدا هـيـا

ميان سنئين راهہ تي ڪٿي تون ايندين
تڏهن اوريندين ، جڏهن مـوت مٿان اچي!

ڪيڏي نانهہ تڪڙ ، توکي پوئين پهر ۾
اُٿي پنڌُ پڪڙ ، ويهڻ سوَ واري ڇڏيا

---

• كل نفسًا ذائقۃُ الموت.

نانڪ ڪان پو آنءُ ، آيو هان اسرار مان
متان منهنجو نانءُ ، سمجهو ڳهٽ گرنٿ ڪان

مان ئي شاهہ حسين هان ، مان ئي بلي شاهہ
منهنجو سارو ساهہ ، تو سان واڳيو ديسڙا

واري ذات ڪُذات ڪي ، پيار ڪَيان سڀ سان
ڪبيرا! توڪان ، پوءِ نہ آيو مون جيان!

ماٺيو سچاٽو ، جي مون ڪي تاريخ مان
پوريو نہ پاٽو ، آنءُ اوهان لئہ جو اَڏيو

ڪوڙي ڪهاڻي ، جوڻا جوڙين ڏينهڙا
ماٺي نہ ماٺي ، ڳالهہ مڙبوئي هڪڙي

جيئِين پَن هواءِ ۾ ، اهڙو تو اَستان
ميان ، تون انسان ، آخر مٽيءَ مونٽو

ڏِس هُو اَبُر چِٽَ ، جا نيري آڪاس ۾
اُهي منهنجا مِتُ ، تو منهنجي ڪهڙي مِٽي؟

دليون نڪر ٽانوَ جئن تڏيون ڪرين جي
ڪائي ڳالهه مٿي ، ان ڪان آهي ڪينڪي

آنءُ تہ روڪيان تو گهٽو ، رُتا ڪونہ رهن
پوئين پهر ڪَهن ، جهونجهڪڙي جهيرون ڪري

ويا وچٽهار ، روڪي روڪيا ڪينڪي
روئي روئي يارَ ، سهمي ويا سانت ۾

ڪيڏو ڪشالو ، ڪاريءَ رات ڪُهنگ جو
چڻ ڪوئي يالو ، ويو پئي پونءَ تان

اڪيلو ايندين ميان! اڪيلو ويندين
ڪشتيءَ ۾ نيندين ، ڪوبہ مسافر ڪينڪي

هَتَ مان ڪِرِي موت جي جام نہ آ ممڪن
رِندو! پوئين ڪِن ، پيو اوتيندس اوت ڪي

دنيا پِن پِن جانور ٻُري تو ٻيلو
تيسين جهميلو ، جيسين آهين جيئرو

ميان! ماڻهن ساڻ ، تورو گهارين جي چڱو
آهي، تنهنجو پاڻُ ، پورِي دنيا پاڻ ۾

وڃ نہ ويجهو جهنگ جي ، پيڙ تا پڙڪن
ڪوراڙيون ڪڙڪن ، واڻهڙو ويندا ڏسي

دنيا سڀ دوکو ، جيڏو سؤلو پنڌڙو
ايڏو ئي اوکو ، لاڏاڻو هن لوڪ مان

سڀ ڪجهہ رهڻو هتِ ، آ تنهنجي ’تون‘ ڪان سوا
تون چا جاڻين جتِ ، تنهنجو پُڄندو پنڌڙو

ڪيئي چارا پيچرا ، ڪيئي وڪڙ ور
جيسين پهچو گهرَ ، ٿاٻا ايندوَ ڪيترا

وهُ گهٽو واٽن ، جيسين توڙ پڄائين
ڪپر ٿا ڪاٽن ، ور ور ويندي ماڳ ڏي

هي جا لاٽَ لُڙاٽ آ ، هي جو رئيءَ رءُ
مون ڪي مور نہ پَؤُ ، مرٽو ناهي آدمي

ڪنهنجي لاءِ ڪتا ڪيئہ ڏنَ اهي ديرا
چڏيئہ جي پيرا ، وڏي ڪيپ ڪتي وئين

چڏينديءُ ڪنهن جاءِ تي ، متان پائين موتُ
فاني هرڪو فوت ، اُوس ٿيندو اوچتو

چانگون ڪري رات ، وگر ويا پار ڏي
مون ڪي ڏيئي ماتِ ، جر ۾ چڏي جيئرو

ڪالهه ٻڌو مون ڪُنڊ ۾ ڏکويل ڪُٽڪو
جنهن جو هر پُٽڪو ، پوري هڪ جهان کي

ڪَندي بيڙي جئن پئي ، لهواري ڏوُڪي
ايئين پڻ تون کي ، گهڙيون آهين سير ۾

ڪَر منڊل ۾ ڪينَ ، سامي سَڳَ پنيان ويا
هَر ڪنهن نيٺ زمينَ ، ڪم آٽي تي ڪاڏِ جئن

لاهي وڏيئہ لوڪ جا ڪيڏا عمّامہ!
تنهنجا دمامہ ، واجٽ ڪن وجود ۾

هو جا لهر وئي ، وري ايندي ڪينڪي
ڪنهن هي ڳالهه چئي ، آنءُ تہ موتيو آهيان

جر تي ڦوٽو جيئن ، اَڌ ڪري ٿو وائرو
تون پڻ آهين تيئن ، پنهنجي جيءَ جتاءَ ۾

سَرايون ڇا لئہ اڏين ، ميان! تون مهمان
آهي ڇا انسان؟ ، رات ٽڪِي رمندوِ رهي

ڪيڏا پکي آئِيا ، پاڻيءَ جون پاڻيون
لُنءَ لُنءَ بولائيون ، تون تون جي تنوار جون

آنءُ اگر هان آنءُ ءِ هُو آهي مون سان
’تون‘ جي تات ڪيان ، ڪهڙيءَ واهر واسطي؟

هي جا جبل روڻ ، تنهن مان گُهلِي وائرو
ڪَري ڇڻ تہ پروڻَ ، توکي پيو جندڙي

هو جي جبل لَڪَ ، مون ماريندا ڪينڪي
مَتي سِڌي نَڪَ ، چڙهٽو آهين چوٽِين

سارون ئي سارون ، اڪٿ مون وَٽ سانت ۾
هي ڪنهنجون ڪارون ، ڪير ڪري تو سڏڙا

ڪنهن ڪي ڏهو موت جو ، اگ ۾ پوي ٿو
۽ هو چوي ٿو ، ڪيئي ڳوڙهيون ڳالهڙيون

چو سپ ڏوڙ پُنيان ، وڃائين ٿو ڏينهڙا
توکي پَوُ نہ جُنيان ، جيڪي ايندڙيون اوچتو

نہ ڪي ڪنهنجي هار آ ، نہ ڪي ڪِنهنجي جيتَ
موت ڏئي ٿو ميتَ! ٺهڪ انهن تي جي مُئا

وَڻ ڪناري ڳهريا ، سانجهي ، بتيلو
ٻُري ٿو پيلو ، پڪي موتيا ماگ تي

نِهري هونديء ٻانهڙي ، هي پر نہ چاتوء
جيوَن هڏا هوء ، ڪاٽي پنهنجا ڏينهڙا

ڪنڌُ هجي يا ڪيرُ ، نينگر ٽورا ڏينهڙا
نيٺ تہ نيٽين نير ، آهي سڀ لئہ انت ۾

ٻئنسر پنھنجي لال لـﺀ ، لاڙئون ڪونہ گھڙاﺀ
مِٽِي نہ ٻھلاﺀ ، باقي ٽورا ڏينھڙا

وڃايئہ اڌ زندگي ، اجائي پنڌتان
سڄائي پنڌتان ، او شل تو مھلت ملي!

تون ئي سڀ جي ساھ ۾ ، سڀ ۾ تون ئي تون
سانجھي ، سمنڊ ، سپون ، ڪيئي ولر واﺀُ ۾

اکيون ڏور ڏسي ، پيون اُفق وراھين
اُتي نہ آھين ، جتي اوھان ڇڏيون

ڀِٽائيءَ ڪيڏو اڳي ، توکي چيو ھو!
آھي ڇڏِي ڇو ، سيوا تو سمونڊ جي؟

تون تہ سمجھين جيڪڏھن ڀِٽ ڏٺي آ ياﺀُ
واديوڙن وَٽاﺀُ ، رھي اڇجانﺀ راتڙي

## ڪاري رات ڪهنگ

تون تہ نہ ڪاٺيارو ميان! مان ئي ڪاٺيارو
جي مان سوڀارو ، لَکَ نہ تُنهنجي لونءِ کي

پَٽُ نہ پهرايو ، گُلَ گلابيءَ پائڙي
هي جي سامايو ، ڪيڏا ڏسندو ڏاکڙا!

تو جا آٿائي هئي ، لاڏِل لئہ ٻانهين
ٿونٺ هَڏِي دانهين ، آهي اُن تي ڏوڙ ۾

ساميءَ ويچائي ، چيو ساري سڄ کي
”گونگو ڳڙ ڪائي ، مشڪي ڪُشڪي ڪينڪي“

وڻ ۾ تو جئن ساهہ آ ، متان وڻ ڏارين
شال اُها وارين ، هيڃ جا تو هانو ۾

هيڃ توکي هينئڙا! ماري يا ڪاري
ڪيئي ڪناري ، واڳون تولئہ واٽ ۾

چوندين ٿو پرديس ، هينئڙو مون هيٺو ڪري
پائي گيڙو ويس ، لڙڪائيندو ڪُنڊيلا

’ڪجھ بہ نہ‘ ’سڀ ڪجھ‘ ، ڳالھ تہ آهي هڪڙي
ڪنهن بہ نہ چاتو ڳُجھ ، نانھ هئي ڪٿ آنھ ۾

•تڙ جا شڪاري! پَل ڪَنڊينِ ٽارُين لڪو
موت وڏو ماري ، سڀ ڪي ڳولي ٿو لهي

ميان! پيهي تي ڪَڙو ، ايڏي جهارِ نہ مار
متان توسان ڪارِ ، قدرت جي ساڳي ٿئي!

ميان! تون تقدير جو قائل نہ آهين
تڏهن ٿو چاهين ، پار وڃان اوڙاھ مان

ڏڪارن جا ڏڪَ تون وراهين وَنڊين
ماڻهن کي مَنڊين ، او شل پنهنجي پيار سان!

* تڙ جو شڪار ڏينهن جو ٿيندو آهي.

ماٺهو سڀ پئسي پٺيان انڌا ۽ ٻوڙا
گهوڙا ڙي گهوڙا ، سڀ ڪجهه هِت رهجي ويو!

*هي سونهاريءَ سيئن ، پوڙهو پنڊيءَ جي مٿان
چاٽي سگهندو ڪيئن ، پنهنجي پوئين گرهه ڪي!

ڇو ٿو ستائين ، ٻڙڪ نہ مون ٻاقي ڪڍهن
آهي سدائين ، آلا ٽوئا زندگي

مٿان آنءُ ڇٽين وڃان ، اِن ڪان پوءِ اڇين
بهتر آ تہ ڇنين ، مون کي منهنجيءَ شاخ مان

ڇپر ڇو ڇيهون ڪري ، ڏونگر ڇو ڏاري
ماري جيئاري ، ڳُجهي هُن جي ڳالهڙي

ڇا آهي انسان هِي ، مٽيءَ جو گهرڙو؟
ذرڙو ، پر ذرڙو ، ٽڪر ٽاڪي ٿو وڃهي

* سونهاري: ڏاڙهي.

هي جي ڪارا ڪانئرا ، ترن پاڻيءَ ۾
ٻرن پاڻيءَ ۾ ، تن تي تارن ڏيئڙا

سوچي پيو سِير هو ، ڏيندو ڦاڙهي کي
پيو چنگهه چِڪي ، هي جيڪو پنجوڙ ۾

جي تون پنهنجي پاڻ سان گهڙي گذارين
شايد تون ٻارين ، اُن ۾ امر جوت کي!

ميان کهڙو پروَسو ، آهي جيئڻ تي؟
پوڻو آ وَڻ تي ، آخر ڪم ڪوراڙ سان!

ميان ڪر نه گُهمنڊ ، جيئڻ تورا ڏينهڙا
ناهِ سدائين چنڊ ، اڪيتي ڪاريون راتڙيون

ڪائي ڪائي پٽَ ، ڪاريهر تي پير جئن
سوچي سوچي سِٽَ ، آڻج پنهنجي وات تي

سڀ ڪنهن لئہ تقدير جو آهہ اَڏيل پنجوڙ
ڪنهن بہ نہ تنهن جو توڙ ، ڏنو پنهنجي ڏُنڊ ۾

اڄ ، سپاٽي ، ڪالهہ ، ڏاڪا تنهنجيءَ عمر جا
ڪوهہ ڪِرڙي تو مالهہ ، نيٺ وڃي ٿي بيهجي

آنءُ حياتيءَ ڏانهن ، موٽي آيو آهيان
جيئين ڪوئي ڪانهُن ، نديءَ تي نِوڙي اچي

عبادت نہ عيب ، آهيان ڪنهنجي روبرو
غير نہ آهي غيب ، تو مان توکي تو ڏسي

ماٺـهوءَ ڳل گلاب جئن ٽـڙندا ڏسان آنءُ
مرڙندا ڏسان آنءُ ، او شل ڦَٽَ فراق جا

ماٺـهوءَ مَن مرجهائيو ، ڪونہ ڪڙيا رابيل
آهي ساڳي هيل ، ٻاجهہ نہ تنهنجي ٻوجهہ ۾!

تون جا اِڪائي ، ڪيئن وئين تون ورچجي؟
تنهنجي مدائي ، آهه چگّائي انت ۾

بيماريءَ جو بسترو ، چا چا اچي ياد!
ڪويل جي فرياد ، پن پن ۾ گونجي جئين

پيسو وڏي ڪَدَّ ، ماڻهوءَ ڪي پوري چڏي
توڙي ڪيا سڏّ ، ڪنهن ورنايو ڪينڪي

عيسيٰ موسيٰ ڪان وڏو ، تولئہ آ پيسو
دنيا ۾ ڪو ڪو ، ناهي درهمَ دام ۾

چاجي لاءِ ڏڪين پيو ، پُنيءَ ڪي پٽ تي
نيٺ تہ آ توکي ، مٽيءَ منجهہ سمائڻو

چٽِي گلَ گلاب جي ، چيو اي خوشبو
مون پانيو ٽي تو ، سدا منهنجي ساٿ آن!

## ڪاري رات ڪهنگ

خوشبوءِ پَرَ آهن مگرِ گلابن پاڙون
اِنهن کي جاڙون ، سَهٽيون آهن سيءَ جون

سانورڙي تو ساڻ آ ، منهنجي سِڪَ اِئين
ٿئي شام جئين ، سانجهيءَ جي آڪاس ۾

اکيون اکين ساڻ ، ڳالهائن تيون ڳجهه ۾
آچي پنهنجو پاڻ ، آهن چڻ آسائتيون

تو ڪئن لڌو اوچتو ڀُلي منهنجو ياڻُ
سانورڙي تو ساڻُ ، منهنجو من اڙجي ويو

جيئين چُميون نار جون ، تيئين ڪيسو ڦلَ
ڪيا ڪيڏا هُل ، اَلَن ۽ اُتر واءُ ۾

گذري ڪَتِي ناهرِي ، مٿان آيو پوهُ
راٺا ايڏو ڊوهُ! مومل سوچي ماٺِ ۾

لاٿي ؛ پگڙا ، ريوڙيون ٽيئي ھن جي پاند
۾ ڪيڏي ھيڪاند ، آھي پپر پاڙ ۾

ٽڙن ٽا ڪونپل ، تو ۾ ھَٿَ - ڇھاوَ سان
ڏرتيءَ جيئن ڪرِيل ، ڪيڏو ناھين ڪامٽي!

جيئين بہ قيدي وَجن ھِڪَ ھجي زنجير
آھي تيئن اُڪيرَ ، تنھنجي منھنجي ڳالھڙيءَ

عينڪ لاھ تہ مان ڏسان ، تنھنجي ڇھري ڪي
چڱيءَ پَر پرکي ، تنھنجي منھنجي عاشقي

*مونکي چاڙھي چيئن تون پو تو پڇين "ڪيئن؟"
"توسان ٽيندو ھيئن ، ايءُ بہ تو چاتو ھيو؟"

چڙيون ڪيت چڳي ويون ، ھاٿي ھٽ نہ ھڻ
باقي داٽا ڪڻ ، جي تن ڪِان رھجي ويا

* چيئن: چڪيا- آڙاھ.

## ڪاري رات ڪهنگ

پهراڙي جي نينگري ، ولوڙي چاڏي
ڪري اک آڏي ، ڏسي پئي ڏيرَ کي

سونجهي سُونجهي مُنهن ، وني وڻجاڻ گهوٽ لئہ
متان توکي نُنهن ، اڳتي ڏولاوا ڏئي

جُهري جاڙ ڪَري جڏهن ، جوڀَنُ توسان مُندَ
تنهنجي آنءُ سڳندَ ، هوندس آدجڳاد ۾!

توسان منهنجو پيارُ ، جيئين ماڪ گلاب تي
هي سارو سنسارُ ، خوشبوءِ سان واسي وئي

مون ۾ اکيون ڪيتريون تُنهنجون اکيون ٽيون!
ساريون سکيون ٽيون ، گڏ جمنا ۾ جيءَ جي!

آنءُ تہ سوچان ٿو پيو ، تون مون لئہ آن ڪيرَ؟
آندي آهہ اُوير ، جنهن هئن رُت رابيل جي!

تنهنجي مُنهن جو موتيو ، من ۾ اُتر هيرَ!
جيءَ پئي چو جهِير؟ اُن ڪي مرجهايل ڏسي

تنهنجي منهنجي عاشقي ، آهي لوڙهي جئن
پر دنيا ڪي ڪيئن ، ماڻ اُن ڪان ٻاهر رکان؟

ويندي چڻ تہ وڃين پئي ، تنهنجو پنڌ ڪُماچ
نيلوفر جو ناچُ ، جيئين اُتر واءُ ۾

هوءَ جا ليجي سُور سان اُن سان ليچان آنءُ
آهي منهنجو هانءُ ، ڳويا هن جي ڳود ۾

اَڄَ بہ مون ۾ تيون وڃن ، چڻ تِي سارنگيون
ڪلهہ جي نارنگيون ، توتان آنءُ چني وتيون

هي جو آهي ٻارڙو ، تُنهنجي نشاني
اَمرتا جاني ، آهہ اسان جي پيار جي

# ڪاري رات ڪهنگ

هي جا ٻَنڌي اُڪنڊي جي ، اجائي ناهي
مون توکي چاهي ، پاتو سڀ سنسار کي

ٽاريون سلهاڙيون ، جيئين گهاٽي جهنگ ۾
تئن تو مون لاڙيون ، ٻانهون هڪبئي ڪنڌ ۾

•ڏس هي ٽندريل ٽاريون ، وسي پيو مينهن
مون ۾ منهنجو نينهن ، آهي اِيئن ڪڙي پيو!

اَسر وير اُتي ، اڳ ۾ ايران سجَ کان
جيڏي مون ۾ تِي ، جوتِ نه ايڏي جڳ ۾!

ڪَوتا منجهه رهي ، تون ڪئن مرندينءَ ڪامٽي؟
منهنجي لاءِ ڪَهي ، ورندينءَ آدجڳاد مان!

مونکي ٻول ٻهون ڏئي ، توکي ڪئن ٽيندين سانتِ!
تون جا مون ايڪانت ، پيريءَ ، هيڏيءَ پيهه ۾!

---

* ٽندريل ٽاريون: گلن ۽ پنن جون جِنجهيل ٽاريون.

اڄ چنڊ جبلَ روڻَ مان ، هوا اڇي ٽي
ڪائي سٽ وَري ، سرجي آهي ساهہ ۾

ڪانءُ اُڏامي واءُ ۾ ، پيو وراڪا ڏي
ڪنهن کي ايئن سڏي ، پر ايڏيءَ سانت ۾

پيچ ينيءَ ڇَنڪارَ ، ڪيڏي ڪاڙهي ۾ وٺي!
وَري ڪٽي آرَ ، آگم سان اوري پئي

توتي ڦيٽَ ٻرَڻي ، پَندَ پُنوپ موتي وئينءَ!
ڇاجي لاءِ ڇَڙي ، ڪاهيَءِ تي ڪوهيار لئہ؟

نيٺ تہ منٽي آ اِهو ، چاهي هيءُ سريرُ!
تو بن دل کي ڊيرُ ، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي

تون جا منيءَ مورتي ، تو ۾ ڦوڪي ساهُ
ڪيئن ڪريتا ٺاهہ ، ڪندي تنهنجي ماسَ سان؟

متان پانيو ھِڪ ، ڪوِتا ڪيئي صديون!
سرتين ايڏي سِڪ ، سونپي منھنجي ساھ کي

•ھي جي پتر پيلڙا گلَ ڦُلين وانگر
ھِيرن جئن ھُرڪُر ، تن تي تڙڪو سِجَ جو

سورج مکيءَ کيت ۾ سينھونءَ تي ٻھڙو
ھک ھٿ سان وھڙو ، ڪئن تو ڪاھي واھٽي!

ھي جيڪو آڪاس آ ، توتي چَٽ جيان
سانجھيءَ چَٽ جيانَ ، اِن تي ڪجھ مَن ياوِٽو؟

•پٽر ۾ جئن تي ڏنو مائيڪل اينجلي
مان ٻ ڏسان توکي ، ايئين ڳولي ٻاجھ سان

---

•پتر: گاھ جو بارش کان پوءِ اُپرندڙ آھي ۽ جنھن ۾ پيلا گل ٿيندا آھن.
•مائيڪل اينجلو: جڳ مشھور مصور ۽ سنگ تراش.

ڪاري رات گناهه جئن ، ياري لڳي ٿي
من ڪي ٺڳي ٿي ، چڙهه تاريلي راتڙي

پاڻيءَ پاڻيون ولهه ۾ ، مٿان جن پارو
وانديون وَسڪارو ، اُتر اوتون ٿو ڪري

ڪنير ڏار ڪري ، پيلا آوي مان ڪڍي
پيهر جئن نہ مري ، ڪوئي ترندي تار ۾

دلا ، دِليون ، مٽَ ، ڪوزا ، پاڻيون ، ويلڻيون
ڪُنير ڏئي سٽَ ، آويءَ مان ڪڍندو ويو

ڪجهہ چندن ڪان پوءِ ٿيو ، هي جو وڄ ڏڪاءُ
هرڻ ڪڏيون ۽ واءُ ، اُپ ڏياڻيون ڪيتريون!

هي جا لَسَ لڙاٽَ ، آهي مٿان اُپ ۾
انهيءَ شايد واٽَ ، روڪِي تنهنجي ڪاٽي!

پلئهُ ڪسڪيو پيٽَ ، وَر ڏي ويندي مُنڌ جو
ڪيڏي لهر لپيٽ ، آهي اُتر واءُ ڪي!

اچا اچا اوتِ ، سِجَ پيالي ۾ پرين
جيئين تنهنجي جوتِ ، اونده ۾ اُپري اچي!

سِجَ چڙهي بيٺو ڏسي ، جوئر ڍيڍي ڪي
من ۾ هي سوچي ، باقي سَنگَ گهٽو پري

تون نہ هجين جي شاعري ، پلِ نہ جيئان مان
هٿن نہ پيئان مان ، وَر ور وَٺي وِهہ جي!

واڙيءَ لڳو وائرو ، گُل ڪريلي چاٽيا
پيلو نانهہ بُرو ، شفق جي لالاڻ ۾

هي جي سوئا ڪيت ۾ ، ۽ تن جي ساوَڪ
ڪيڏي مَن پاوَڪ ، آهي ڌرتي باک جو!

*منڙن پئي لوڙهہ ، گاهہ لُٽن ٽيون نينگريون
ناهي ايڏي سوڙهہ ، ٻني ٽَپُ پاسو وٺي

هي جو ڪَڪڙو ڏاند آ ، ڪاري ڪڪر هيٺ
ڪنهن تہ مصور نيٺ ، چٽيو اهڙي چِٽَ ڪي!

لُولِي نينگر چيلهہ تي گهڙورڪائي
سُر ۾ سمائي ، پنهنجي اگهائي هَلي

چڻ ڪي سانجهيءَ ڏيک ۾ ، آهن وچونءَ ڏنگَ
مينهون چڙا چنگ ، وجن پيا واٽ تي

چِٽَ تہ هئي چيٽ ۾ ، پر هاڻي ويساکُ
آهي جيءُ هلاڪ ، ايڏو اُسَ چيي پئي!

اُڏرن ٽيون ڪونجون ، آڌيءَ جو آڪاس ۾
پر ڏرتيءَ تان تون ، تن کي ڏسندو تو رهين!

---

* منڙن ۾ لوڙهہ پوڻ: ڦرين کان اڳ منڙن جي لوڙهہ ڪرڻ.

جڏهن سرنهن ڪُل ڪيا ، وڏي ويو ويساهہ
آهي ساڳو چاهہ ، منهنجو تو ۾ جندڙي

ولر ڪيو پاڻيءَ مٿان ، لهي آيا تي
کهي آيا تي ، پکيئڙا پرديس تان

مياڻيءَ مڏ تي رهاڪو ملاح
وڃن وَڻ درياهہ ، اڄ تہ تنهنجي آرَ ڪان!

وڏا وڻ پاتا هُيا ، ڪيڏا ڪلهہ درياه!
ڪونهي منجهہ اَتاهَہ ، ڪاڻِي ڪاٺيءَ اڳيان

جئن ڪاغذ جون ڪشتيون ، ترن پاڻيءَ تي
رات وهاڻيءَ کي ، ايئن سپنا سات ۾

هي جيڪا نئن گاج جي پرسان بگهڙ رڙِ
اُنهيءَ جي ڪاوڙِ ، ڪَتيون ڪنبائي ڇڏيون

•سنگھڙ ڪري ٽيون اچن مينهون ڏنديِ منجهان
نينگرڙو تن سان ، موٽي پيو ماڳ ڏي

ڪيچڙ واريءَ چڪ مان پاٽيءَ جو چپڪو
ڪَلِ منجهان ٽپڪو ، ڇو هئن وچَ ڇرڪي پئي؟

•هي چانهڪ ، ساوِڙي اُنهن مان نينگر
وجي پيئي گهر ، گهڙو ڪٽي ڪڇَ ۾

بار وهاري هنج ۾ ڏئي ڪيڏوٽو
پڪيءَ ڪي چوٽو ، ڪارائي تي مائڙي

ڏئي ابهر لَولِڙي ، ٿَري پئي ماءُ
جيئين ڏکڻ واءُ ، هيرون آٽي هنج ۾

---

• سنگهڙ ڪرڻ: مينهنِ جو هڪ ٻئي پٺيان اچڻ.
• چانهڪ ۽ ساوِڙي: ڪاهہ جا قسم جي اُتر ۾ مينهن ڪان پوءِ ٿيندا آهن.

اڄان چڙهي آڪاس تي ، آهي ڪُجهه لُڙاٽ
پوءِ بہ نڪتَ لاٽ ، ٽوري ٽمر ٽمر ٽي ڪري

ڪٿئن چٿجي ڪنهن ڪَپَ ڪي پائيندڙ پائي
اڳتي الائي ، ڇا ٽيٽو آ ديس ۾!

ميان بَدِي اُسَ ٽِي ، ماٺهوءَ ڪي ڪائي
پپَر الائي ، ڪٿئن ڪپجي ويا ديس مان!

هي جي نيلوفر ، لڏن پيا واءُ ۾
ڌرتي ڪٽي ڪَر ، ڌسي ٿي آڪاس ڪي

تنهنجي منهنجي وِچَ ۾ هونءَ تہ آ زنجير
ها پر هي ڪشمير ، اُن جو تون ڇا ٿو ڪرين؟

جهڙي منِي زارَ تي ، اهڙي لينن تي
هاٺي تون تن ڪي ، ڪهڙي ريت جدا ڪندين؟

•پاٽي نانهه پُراڻ ۾ ، متان ڪڪر ڪورَ
مون ۾ ڪيڏا مورَ ، تاڙن پيا اوڙڪون

ڇا تون ڪمُ ّ ڪنوَل ، سارين پيو سنڌ جا؟
اُف! پرڏيهي پَلَ ، ڪيڏا تولئہ اوپرا!

•سارِ نہ ڏوڏيون ، لوڙهہ ، ڪنلَ ، گؤلرَ ديس ۾
ايڏي ساههَ نہ سوڙههَ ، جيڏي آ پرڏيهہ ۾

متان سمجهين ڪوهہ جو مونکي ڪاٽيارو
مان جو پاٽيارو ، مون لئہ واٽهڙيون گهٽيون

پوءِ بہ چڙهي پِٽ تي ، پريان آنءُ گهَڙا
توڙي پٽوئٽڙا ، ڏنگن منهنجي ڏاتِ کي

---

• پراڻ: سنڌ جو قديم درياءُ.

• ڪنل، گولر: هندستان جا جهنگلي ميوا.

متان چئين شاعري ، ”ڪونہ نيايو تو“
پوئينءَ گهڙيءَ جو ، تنهنجا ڳل ڇُهي ڏٺا

ڪيڏا ڪيا واهَٽين سنڌڙيءَ سان وَڙَ بيتَ!
ٻُڌِي مون نَڙَ بيت ، گهُوري ڏنو ڳائـٽو

هو جيڪي سُرخاب ، اُڏرن پيا آب تي
ايئين منهنجا خواب ، توڪان متي شاعري تي

اڄ تائين اَلهام جئن ، پيو شعر اَچي
جيئين مورُ نچي ، ڪارونجهر جي ڪورَ تي

ڇڏيءَ تانيءَ جو ، اوڇو ناهي شاعري
گهاٽي ڪان گهاٽو ، اُٽيو آ اڄ ڪالهہ مون

پاڻ وهيٽي ڪا نہ آ ، هي جا منهنجي ذات
مون ڪي آڌيءَ رات ، لِڪائين ٿو تون ميان!

مِيان! تُنهنجي شاعري ، اَجرڪ تي ڇاپو
تون منهنجو آپو ، سمجهي سگهندين ڪينڪي

لڪائين ٿو مِيان ، مونکي آڌيءَ رات
جيسين منهنجي ذات؟ ان جو ڪو ڪارج نہ آ

ساري عمر چئُن آ ڪونہ ڏٺو آئون
لائون ڏنائون ، مونکي توسان شاعري

مانڌاٽيءَ آواز ، آيو اَسر وير جو
اڱڻ ۾ ڪو قاز ، ڪَرڪي پيو مُنڌ جي

ٻُڌي تُنهنجي ڪنجرِي نچن پيا پير
چئہُ تون آهين ڪيرَ ، نينگر نگرپارَ جي؟

ڪهڙي ڪاشيگَر ، جوڙيو توکي نينگري؟
چَئہُ ، تون ڪهڙي گهر ، ٿيندينءَ پيالي پريت جي؟

## ڪاري رات ڪهنگ

آچا منهنجو پنڌڙو ڪُٽنو نہ آهي
وڏان ڪجهہ ساهي ، ڏکن پيا پيرڙا

ڪَتيون راسيون سانجهہ کان بيٺي ڏٺائين
پر هو تو تائين ، پهتو نہ آڪاس ۾

هيڊ ڳڙيءَ جا ڪيترا آهن پساري
ڪيڏي نِڪاري ، تِن جي ادب ڳالهڙي

جئن سِر ۾ اَوِيڙ ، اچڪلهہ دانشور ائين
ان ۾ اوچا بڙ ، اُيري سگهندا ڪينڪي

ايڏا شاعر شاعري ، آناڪانيءَ ۾
ميرڊانيءَ ۾ ، ميرِ يُون يُون ڪن پيا

اچا اگر رڪَ تِي اُجهاٽا ناهن
چٽنگن جئن آهن ، سٽون اچا ساهہ ۾

ائن تو لکين بيتَ جئن ، ڪَرين تو ته چاڻ
پوءِ ڪڍين تو پاڻَ ، ڏڏر هرهڪ سٽ مان

هرڪو هِڪ تصوير ، بيتُ نہ پانيون ماٺئو!
بي شاعر تقديرَ ، ناهي هيءَ مصوَري

ڏسُ ڪئن لڄاريءَ ، لوئيءَ سان سيڪجھ ڍڪيو
پر چوليءَ چاريءَ ، اَگِ پسايا انگڙا!

چا هِي پڙو ، ٻانڊٽي اُنهيءَ جي آهي
يَر تي ٻئي لاهي ، جيڪا آهہ نياڻ ۾؟

جيئين ڪرڻا چنڊ جا ، سِٽون آٽين تون
تن کي ماٺين تون ، ايڏيءَ اوندهہ ۾ پڙهي

ٻيءَ لئہ رات وهانءُ جا ڳائي پئي ڳِيچ
مُندي پائي چيچَ ، وَر وَر ڏسي تِڪَ کي

## ڪاري رات ڪهنگ

مان ۽ منهنجي بين ، پنڌ پرانهين پار جا
هي گهوڙو هي زين ، مون کي مورُ نہ آئيا

جوئر جا ڪانا وڏا ، ٽيا ٻنيءَ ۾
هُرڪر ونيءَ ۾ ، سينڌو نہ ٿي سامهون

تنهنجا پِن پِن وَن ، سورج تارا ۽ ڪتيون
ٻُڌ ، هي وڻن پَن ، جي توکي ڳائن پيا

ڇوريءَ ڇهرو باهہ تي مکڻ جئن ماٽيءَ
وڏائين ٻاٽيءَ ، پَلِي سوئي پاند ۾

ڪاڪ وري جڙندي ، پيهر ايندا مينڌرا
رچنا نہ مڙندي ، پاڻ ڊهي ٺهندي پئي

جنهن تي ٻہ تڪي ڪنگ سر ، نديءَ ٻيٽ ڏسو
لکو يا نہ لکو ، آهہ تہ جيئرو هائڪو

اچان سوجهاڪو ، ڇهه ڇهه آهي ٻيرِ تي
جڻ پورو خاڪو ، آهي ڪنهن تصوير جو

ننڊ اچي ٻہ ٽہ ڪيئن ، ٿي ڏونڌاڙي شاعري
چوي پئي هيئن ، لڪ اچا لڪٽو اَتي!

ڪونجون ڪرڪن روهہ تي، ڇيڙي سانتِ - ستار
جڻ ڪنهن موسيقار ، جي موسيقي واءُ ۾

ڪهه مڪرني ناهيان اُتيئي آئون
خسرو ڏنائون ، مونکي پوري ڪنڌَ ۾

مان ئي بلي شاهہ هان ، مان ئي هان باهو
تنهنجو ڪراهو ، گهايل تنهنجي گهاوَ سان

ڪِن جي لاءِ وِجهن پيا سِڪَ وچان ليئا
ڏهرن ۾ ڏيئا ، ۽ تارا آڪاس ۾؟

## ڪاري رات ڪهنگ

رَنيون چوڙين ڪان سوا مُرن وٽ ساٿيون
اُنهن ڪئن ڪاٿيون ، تارن پريون راتڙيون!

پيجل پنهنجيءَ تندُ سان ، ڪاٿيو پنهنجو ڪنڊ
چا نہ سُريلو پنڊ ، راڳيءَ ڪيو راھہ ۾!

*رات مدوشالا جهونجهڪڙي ۾ ائن لڳي
چڻ تہ سندم پيالا ، اُڏريا ٿي آڪاس ۾!

رُنو بتَ تراش ، بُتَ سِرَ ڪان سوا
پو ، هُن سوچيو ڪاش ، مان بہ هجان ها جنگ ۾!

ٽئيءَ منجهہ ترَي پيو ڪيرُ اِهي گهيچا
نيڻ تنهن نيچا ، اُتر باھہ ، اُماڙيون!

ٻاڙهي غاليچي مٿان نيري صراحي
چاهِي نہ چاهِي ، جرڪي پئي جام ۾

---

* نوٽ: مدوشالا (هندي) مئخانو

ٻاهر بارش ٿي وسي ڪيڙا ڪتابي
اُفق عنابي ، آهي چڙ شراب جئن

رستو اوکو شاعري ، ورتو آهي تو
پرتو آهي تو ، جيڪي هن جنسار ۾

يتائيءَ جو بيت جئن ڪالهه هيو آيت
ڪابہ وِلايت ، مَتہَ نہ تنهنجي شاعري

اُتين پوئين پهر جو ائين اوندهہ ۾
پکين چهہ چهہ ۾ ، تنهنجا گيت سمائيا

چوريون ڪيئي ڇيچ ۾ ، پنڙا لڏن ٿا
تارا ٻڏن ٿا ، پرٽي رات رمي وَئي

ڪَنا سي ياتي ، گاڏين بيلَ جُتَن پيا
ڪُٽيندي چاتِي ، آهن لڏپلاڻ ۾

## ڪاري رات کهنگ

ڇوڪر اکيءَ ماءُ سان چمنيءَ جو دونهون
ٽئي ٽو سونهون ، آرهڙ جي آڪاس جو

ڇپر تي ليٽي ، آريٽي جي ڇانوَ ۾
هوءَ ننڊي نيٽي ، پري پئي گهاگهرو

ڪارائي ڪائي ، آ تنهنجي آواز ۾
ڪونج ڪري وائي ، وڏي وئينءَ انگڙا

اڃا منهنجي ذات ڪي ٻہ سوَ سال ڪپن
جن تان انت ٽپن ، درد پريا هي دوهڙا

توکي پٽر مان گهَڙي ، ڏنم جيڪو روپ
اُهو روپ انوپ ، ڏسِي ذات ڏڪي وئي

هلي پيو نارُ ، ڪوهہ ڪٽيئي ڪونہ ٽو
ڪوئي انت نہ پارُ ، آهي منهنجي ذات جو

ڪالھ ٻڌايا ٻَٽَ جو ڳَنگ ڪويءَ جا گيت
مون ۾ چا چا گيت ، صدين ڪِان پوءِ اُپريا

ھوءَ جا ريٽي ريشمان ڳاڙھي بصر پنُ
ڪيئن نہ ھن جو من ، ڳوڙھن سان ٿي ڇَلڪيو!

منھنجي لاءِ نجات ، تون ئي آھين شاعري
سارِي سارِي رات ، جيڪا مون جاڳي لکي

ويرو تار وجود ۾ ، آھين ئي آھين
ناھين پراھين ، مون ڪان ڪويتا ڪٽي

ٻوليءَ ۾ پيھارَ ، آنءُ نہ اڇٽو آھيان
ھونءَ تہ اڪيچار ، ايندءِ نوٽڻ ڪيڏٽا

ڪَند ٽُٽي ويا ڪانھن جئن ، ناھي جام ٽُٽو
مئخانو نہ ڪُٽو ، ڪيئي رند رَمي وَيا

## ڪاري رات کهنگ

آخر رهندي ڪيترو اِها سُرت ، اڃان
ساقي، ڪيئن چوان ، اوتيندو رَهه اوت ڪي!

اڄتي ننڊ گهٽي ميان! هاڻي کهڙي ننڊ؟
پوپٽُ مٿان گهنڊَ ، رهي رهندو ڪيترو!

بيٺو اوهيڙا ڪري جڏهن وسڪارو
•ٿر مٿان ٿارو ، ڪاش ڏسين ها ڏانگڙو!

شاعر پکي پار جا سيئي نہ ڪُڙلاءُ
ڪو ڪو پکي واءُ ، ٻِري ڪري ٻولڙيون

پيو ڪو هو مون جاءِ تي ، مسجد هُيس مان نہ
قاريءَ خوش الحان ، چاڪي ورجايو پئي!

---

• ٿارو: فطرت پرست آمريڪن اديب.

• ڏانگڙو: قوس قزح - اندلٺ.

•ڪڏهن ڪاري چاڻ ۾ ، تو مان رباني
ڳاتي زباني ، ساڳي سِٽَ اتفاق سان

دستڪَ دَر تي ڏي اچا ، سَرلو ڪري سڏ '
هو جو تو سان گڏ '، اوري تي آواز تي

وَڃن پيون ڪنجريون آڏيءَ جو ڪنهن جون
نانهه سجاتو مون ، اچا ان آواز کي

چيتِي سنگت راش جي ، پَٽ تي ڏني مون
'ڪتي آهين تون؟' مُرڪي سوچيو مورتيءَ

جان جو پڙهيو غورَ سان ، مون ابنِ عربي
هر دنيا طلبي ، جڻ دل مان ڏوپي وَئي

غالب وانگر چو نه ، ننڊ اچي تي رات جو؟
شايد آهه پتو نه ، اڳتي ڪاڏي تا وڃون!

---

• رباني: غلام رباني آگرو

بيماريءَ جو بسترو مان ۽ قلمَ ساڪَ
جيسين اُبري باک ، چوڌاري چانگارَ سان

مون سان مُنهنجي شاعري رهي ساري رات
جيسين ٿي پرياتِ ، سِجَ اُياري سون جان

دنيا ساري ڌوڙِ ، جو ٿو ڌوڙ ڪني ڪرين
چو تون ايڏي ڪوڙِ ، آهين ائين ڪاهي پيو؟

هي جو تنهنجي جيب ۾ غيب پريل آهي
جيب پريل آهي ، اڻ ڇاتل امڪان سان

ڦِر نہ لاتونءَ جيئن تون ، ڪڏهن ڏورِ بہ ڏس
جيڏا توڪي جِسَ ، جي تون هَٿُ ڏسي وئين

اهو ممڪن ئي نہ آ ، ڪوڙي هو مونو
ڏِڳي جو ٿونو ، هَنِي هَنِي ڪينڪي

ڪارو پاٽي تر وٺي ، مِنو بيهي سَٿ
ماٺوءَ جو مُنهن ڪَٽ ، هن جو ڳالهائڻ ڏسي

اکين بدران ٽا لڳن ، هڏن جا ڪوپا
ماٺو يا ڀوپا ، وچن پيا واٽ تي

ڏسي ڏائيءَ اڪَ سان ، واڙئي وَٽيءَ مَپَ
چوي پئي، "لپَ ، اَجان آهي پوِٽي"

هِليون چيچڙن تي جئين ، ڏين لامارا
هت ماٺو سارا ، دولت ائن ڦاسائِيا

ڪيڏن نوٽن جي ٿهي ، تنهنجي ڪيسي ۾
ميان تيسي ۾ ، وساريو تي ماٺپو

پوڪي ڪانديرا ، چاهين پٽ ڪنوار ڪي
ميان من ميرا ، سڀ ڪجھ آڏو تو اچي

## ڪاري رات ڪهنگ

اَڪَ ٻہ آهي ڪوهہ تي سائو ۽ گهاٽو
ايڏي وِهہ آ ڇو ، هي جو منهنجو سنگتي؟

الله َهي انسان جي ظالم ۽ جاهل
مون کي آئي کِل ، انهن کي اشرف چئي

باقي جيئڻ ڏينهڙا هاٿي تنِ جي ڪَڍ
مان ماٺهوءَ جا وَڏ ، سَهي سهان ڪيترا!

بي قدرن کي پُلَ جو ، جيسين ٿي احساس
تيسين منهنجو سواس ، رهندو ڪونہ سرير ۾

ڪوڙ اٿي ڪوڙاڙِ جئن وڪوڙي ويندءُ
نہ ڇاڻان نِيندءُ ، کهڙي آوهہ ۾ ميان!

هن دنيا ۾ دوستيءَ تي جي ياڙيندين
ڳوڙها ڳاڙيندين ، تڏا ساهہ پري ڪري

دانشور دھڪن ، تنھنجي ڪوتا کي ٻڌي
ٿوھہ وَليون ٿھڪن ، جئن اونھاري اُسَ ۾

ايڏو ڪَشِ نہ ڪوڙڪيون اَڏي ٻہ واٽيون
پڪين ڪنيڙاٽيون ، پنڌجي اڇن پاڻ مان

چوڌاري لوساٽَ ، اُماڙيون آڪاس ۾
ڦھلِي ڄرَ ڄراٽَ ، ڪنھن ھيءَ ڏني چوچڙي؟

ڪنھن جي ڪفن کي ڏنئہ ميان! ڪي ڪيسا
پيسا ڪندين ڇا ، پيسا پيسا ٿو ڪرين

ڪُني ۾ ڏوئي ، پرسان ٻکياٰ ٻارڙا
پيٽي سيوئي ، ڪجھ نہ رکي پاڻ لئہ

سنڌڙي تون ائن ھيڪلي ، جيئين راجستان
پر مون سنڌ سمان ، ھيڪل ڪانہ ڏني ھُتي

## ڪاري رات کھنگ

پائين تي ڏنارَ سڀ سنڌڙي بگهڙ تون
تڏهن نانهہ مٺئون ، پوٽي توتي ماس جي

هي جو ڏوڏو ساڳِ ، توکي آزادي ڏئي
ءِ پهچائي ماڳِ . اِن کان ڪجهہ ناهي ڀَلو

برقعي مان ٻاهر ڏِکو هٿ ڪري ٻِيبي
اچا غريبي ، ساڳي آهي ڏيهہ ۾

هي جي ٽانڊا چُلهہ ۾ انهن مٿان رکَ
هاٺي تيندي ڪکَ ، پيئڙ ٻيا پڙڪاءَ ڪي

ڏهاڙي ڪاري ، ڪالهہ ويو هڙتال ۾
ٻچا ٻُک ماري ، چريو ڪنهن جي چُرچ تي

ڪئن تون نندي ڪنڌ ۾ ڪَل بچائي وئين
توڙي ڏائي وئين ، توڙي ساڄي سڌ تي!

پوڇاندي ويهي ، لاھہ نہ پنهنجو ڏينهڙو
پٽَ چوڻيءَ نيهي ، ڏس ڳاڙهيءَ ڳاڙهاڻ کي

مارڪس، فرائڊ ، ڊارون ويهين صديءَ جِي
ڪيڏي ننڊ ڪسِي! ۽ پو سڀ ڪَئہ تي ويا!

ڪوڙو ڪُتو سنڌ جي نالي ۾ ڀَؤنڪي
ڪوئي نہ چَؤنڪي ، هڏو هن جي وات ۾

ڇَٽ هنيان جو رَٽ تي ، مون تہ لڳي ويا طاق
وڏيري اوطاق ، ڳالهيون موڙا ، چمَ جا

سنڌ جو وڏو مرض آ ، ان جي ڪچهري
منجهند ، ٽيهري ، سومهاڻي گذري وئي

مذهب توڙي قوم جو نالو ٻوڙيائون
ٻاهيون ڏنائون ، ٻار ڪيائون ڪوڪلا

چَڪري ويلڻ ساڻ ، هوءَ ويلي پئي مانـڙي
آهي سنڌ سڀاجهڙي ، صدين کان ساڳي اچا

رني ڪوٽ جي پٿِ تان ساندو ڏسي ٿو
ٿاندو ڏسي ٿو ، ڪوئي آرهڙ اُپ ۾

هيءَ نہ رُڪنباد ، هيءَ تہ آهي روهـڙي
پوءِ بہ مون کي ياد ، اڄ حافظ چو ٿو اچي؟

هو جي نازي فوج سان ايڏو وڙهيا ها
آخر انهن ڇا ، ايئين قربانيون ڏنيون؟

ڦُبي ڪڙولو سون جو ڏوران ڏسي ٿو
پو مَن ڦسي ٿو ، هيٺو ڏسي حال کي

ڏس، هو اجرڪ جون پڳون ، ڪيڙيءَ ڪُرچيل پير
کَهڙا مُڙس مٿير ، جَن کُهاڙيون ڪَڇَ ۾

آنءُ ٽنيي سان ٽيڪ ۽ فتح پور سڪري
ڪاڏي ويا نِڪري ، هو جي مُهرا وقت جا

گانڌيءَ رڙ ڪهڙي ڪئي جڏهن ڏُرڪي ويو؟
نہ ڪي ڪنهن ڄاتو ، ڇا ٿي سوچيو گاڌِسي!

دنيا ستر سال ۾ ڪيڏو ڦري وئي!
ناهي ڦري وئي ، ايڏو ست سو سال ۾

مون کي ماضي ئي وٽي حال نہ مستقبل
جنهن کي ڪوئي حل ، آهي نہ حالات جو

تولئہِ لڏون ، چورمون هُن لئہ رکو روٽُ
مان تو چوان موٽُ ، پنهنجي ان انياءَ تان!

گُگھہ ڪيا گرڙاٽ ، رات لٽي آهي
پوري ٿي آ جاتَ، ماڳ لڳي تو ويجهڙو

هُو جي ڊِگهڙُ ٻارڙا ٻِيا ڪَن
تن جا ٻوڙي ڏَن ، چا پاتـﺀ منهنجا ڏٽي!

ڪهڙيون ٻُسريون پائـڙا ڏُڪر پيو آهي؟
ٻوڏ ڇِنا ڊاهي ، چڏيو ناهي ان ڪَٽو

ماٺهوﺀ اندر ٻُڪ جا پيـڙ تا پـڙڪن
متان هو ڪـڙڪن ، رنيي ڪنهن راڪاس جان

آهي هيﺀ آهٽ ، ڪنهنجِي آڏيﺀ رات جو
ڪولي پيئي ڪِٽ ، جيئڻ جي جنجال جا

ٽپو ڏيندي لومڙِي ڪوئي متان سوچِ
مُري موچَ نہ لوچِ ، تولئہِ ٻيا پِي گهر گهٽا

سنڌي پنجابي ڪڏهن ڪونہ ڏسي تي ٻوڏ
سيني ساڳي گوڏ ، سيني ساڳو چولڙو

چوڪنڊيءَ چوڌار جو چنڊ ڏنو ڦيرو
هاري ، وڏيرو ، چار هيون ڪاشيءَ سِرُون!

امڙ جهوٽو تي ڏئي پينگهو لُڏي تو
اُن ۾ ڪُڏي تو ، ابهم پائي ٻانہڙا

ڪينجهر ڪنڌيءَ اوڏڙا ، هَنجر ڪُر ڪُر ڪن
ڇو ائن منهنجي مَنِ ، پيا ولوڙا اوچتو؟

تُوتڙ ڪيئن ڪڍي ، ڏارو ايئين ئي ڇگو
سيني ڪي تِي ڏي ، ٽورو نڪر ٽانوَ ۾

هي جو اَمڙ پيارُ ، آهي پنهنجي ٻار سان
ڇڻ سارو سنسار ، آ اُن جي آغوش ۾

پکين ڦڙڪُون واءُ ۾ ، ڊوري ۾ پاڇا
اِيهو ، پيو ڇا ڇا ، ڪنهن پل ۾ پيهي وَيو!

## ڪاري رات کهنگ

ايئين پٽ جي ڳاٽَ تي بيٺو آهي ڪيرُ
ڪهڙو مُڙس مٽير ، ساري ڪارونيار ڪان

پُنڊو ڏئي واڙ ڪي سُتو گهر ريڍارُ
بگهڙ ڪيو وارُ ، چانڊوڪيءَ ۾ چنڊ جي

*ويندي ڪُتي پونگڙو اُنهيءَ جي لَڪ لَڪ!
متان ٿئين ڪڪ! ٻُوٽي رَکَ ڪتاب ڪي

تِڙڪو نانهه تلاءَ ۾ ، نه ڪو پرسان وڻُ
نه ڪو ڪَنڌيءَ ڏڻ ، نيرو پاڻي ماٺ ۾

چِڃَ ، اِها چِڙَ چَنڊ ، ڪيسين اُتر واءُ ۾؟
اَمڙ ، تنهنجي جنڊَ ، آهي اوسيئڙو گهٽو

هو جو اولهه ڪان اچي پيو لاڙي مينهن
اُنهيءَ اُجلو ڏينهن ، ڪيڏو ڏندلائي ڇڏيو!

---

* ويندڙ ڪُتو: ڪُتي جو هڪ قسم.

اونهاري جي ترون پَرَ ڪري پالا
ماٺهن ميڇالا ، سِيرُون ڪَيا سِجَ سان

وسڪاري پاٽيءَ ، ڏهرن ۾ تويا پريا
جن تي وهاٽيءَ ، ٻَرن پيا ڏيئڙا

هي پاندي ۾ پَتُ ، اڳيان ٻڪيا ٻارڙا
•ڪيئي ڏينهن اُستُ ، جيڪي ڪائي تيا ڪتا

مٽان ڪکن جهوپڙو ، جهرڪيءَ آڪيرو
ڏرتيءَ تي ميرو ، پيو آهي اوڏٽو

ڪپهه جا ڏينو ، ڏسي پيو پوک ۾
اڃا تہ پينو ، جڏهن ٻڏي ڳنڙيون!

•ڪکَن ڏرون اونهيون مٽان هٿ وجهين!
يا تن لتاڙين ، پانڌي پنهنجي پنڌ ۾

---

• اُست: اُنڙيءَ جو ڪير.
• ڪکَن: نانگن.

## ڪاري رات ڪهنگ

ڇَٻيءَ ۾ چالاڪ ، ٽانگر وڏا نينگري
ڪيڏو سيءُ هواءِ ، پاٽيءَ چندو ڪينڪي!

هو ڪينجهر ۾ ڪانگٽيون وينل پاڇل تي
ڪئن نہ سِجَ ٻُڏي ، ڪارنهن منجهہ سمائيون

ڪڪن ڇٻيءَ ۾ رڪيل هي تازا زيتون
وِلهي ٻارَ جنُونَ ، ونَهئي لڳن ڪينئرا

وليون ٻوٽا ڪيترا ، هڪ سرنگهوءَ وڻ
برسي ٽو سانوڻ ، پرسان لانڊين جي متان

هوڙهيا ٽا ٻولين ، ٻولِي پائِر پار جي
جنهن ڪي ٽا ڳولِين ، تنهنجا ڪائڙ جهوپڙا

ڏونرو ولوڙي ، مڪڻُ ، چاڏيءَ ۾ ڇڏي
در ڏي تي ڊوڙي ، آيو آنوادا ڏئي

رڙيون ۽ ريهاٽَ ، دادِي پرتي رَبَ کي
نہ چاٽان هُن جاٽَ ، ڪُتّي کهڙيءَ جاء تي؟

ميان ويجھ! ٻکن ، جھوريو منهنجي جيءَ کي
اُٿندي هَڏَ ڏکن ، ننڊ نہ اچي رات جو

تورو پريان تي اچي ، پورُين جي پٽڪار
ڏس هو ڏنٺُرن ڏار ، نِمن پيا واءُ ۾

تو جئن نيري چانھ ، ڪنڊيءَ تي ڪائي کهڙي
يا اُڏري جئن سانھ ، چاچر ۾ چيرون هٽِي

اَڪ، توهر ۽ ڳاڱيون ، اَرٽي ۽ گگراٽ
سيئي مِينهَنِ ڪاٽ ، ڏسن پيا اُپ ڏي

ڏٽَي ناهي ، ڏٽَ ، وجن ٽا گوڏول ۾
سامھون سڪا وَٽَ ، اَفق تائين روشني

گهرڙا ، رستو وائڙو ، واريءَ تي ڪُتَو
نيٺ وڃي ڪُتَو ، ڏَپَ وتائين ڊونڊ جي

ڪَپل وَستوءَ کان وئي ڪُشن ڳڙه تائين
اوشل نباهين ، هن سان جيون ياترا!

طنبيلو ، گهوڙو ، جنهن جي سئس سَماءَ ۾
ٻُڌي نہ ٻوڙو ، هيڪل جي هٽڪار کي

لسيءَ چوُنرِي ڪچ تي ، اڳيان چوُڙن پوکَ
گهر وارِيءَ کي اوکَ ، گهوٽُ لٽي تو ڪيت ۾

هي واريءَ لس ليٺ ۾ وچ ۾ ترائي
ڪٿن ڳولي آئي ، اُن کي هرٽي اُڄَ ۾

تو جئن گل چِنو ، تارا سب ترڦي ويا
ڪيڏو گهاءُ ڏنو ، تو ساري سنسار کي؟

پوڙهو مُڙسالو پيو وڃي ٻنيءَ ۾
آيو وَنيءَ ۾ ، ويٺس ڇو ونواه ۾؟

ڇوڪرِ جهلي چيلڙِي ڪوسي ڪئي ڪچَ
تَنهنجي ٻُنيءَ اَچ ، ٺهڪي هن جيَ هٿَ سانَ

هي جو هَرُ ڪاهيل پريان ڪَنڌِين اوٽ ڪُٽي
اُتي ٻني تي ، مرندو هو ويڙهاند ۾

جهوپي چانيي ڪيتَ ۾ رَڙو رَڙ آئي
ڪنهن ڪي هي دائي ، چٽائي وئي ٻارڙو؟

رَندا ، روڙن ، زائفان ، پريان مڙسالو
پهتا ئي نہ اجان ، هر ڪنهن وَرُ پنهنجو ڏٺو

ڀهڪي پئي نينگري پينگهي پُٽ لڏن
جن کي دعائون ڪَن ، آيون ويون وانڍ ۾

## ڪاري رات ڪھنگ

آڏا ڏونگر ، پُئن گھٽي ، اُڏِري ٽڪِي ڪونج
رِگو ھن جي گونج ، رھندي ھن سنسار ۾

ھنج اڳي جئن ھنجرون ڪينجھر لاءِ اَچن
ڇا ڪو آھ وچن ، جيڪو تن کي تو ڇڪي؟

جُواني جھونٽو ، گھڙيءَ ۾ گذري وئي
ٻاريندي ٻوٽو ، رَمي وئي راتڙي

اڪيون اوھيرا ڪري ، ويڙھي منجھ وَسن
ڇا ڇا تا نہ ڇڏن ، ماٺھو سَفرَ سانگ ۾!

ھيَ جي نندڙا ٻارڙا ، ڪُھَر ڪائن تا
توکي ڳائن تا ، مُرڪي پنھنجي ماٺ ۾

چنبدا اچن تا ، چُلڪا تي ٻيڙي ڪري
*پَلا نچن تا ، ٻنَي تورو ٻاھران

=

* ٻَنو: سنڌ جي ھڪ شھر جو نالو.

# وايون

چرخي رؤن رؤن ڪانء، اجَ ڪتي ڪاپائتيون؟

ڪالھہ هيو اڱڻ منھنجي ميلو متو ڇا نہ!

اڄ ڪتي ڪاپائتيون؟

• هٿيو ڪا ٻيھار هلائي، اڄ نہ سي امڪان!

اڄ ڪتي ڪاپائتيون؟

سيئي ڪاتار ها مون وٽ ڇڻ مهمان!

اڄ ڪتي ڪاپائتيون؟

*

---

• چرخي جو هٿيو

منڊ ۾ چيريءَ جو وڻ

تو لڳي آتو چَپن لئہ

دور تان آ عڪس ٻاڙهو تو اچي ڪوئي سڄڻ
واءُ ۾ ٻُڌجي پيو اڄ ڪنهن تہ واچي جو وڄڻ
تي لڳي ڏرتي حِنا جئن پنڌ ۾ تون آنهہ چڻ.

*

جهنگ مان چارا وچن تا،

راهہ تي آهي تلاءُ
تو وٽي ڪيڏو نہ دل کي چنڊ جو اُن ۾ چتاءُ
ڪَر ڪَرو تي تو مزو جي آ بگهڙ جو ڊپَ ڏاءُ
تو ڏٺي پيرين اچي هُو، موت جو ڪهڙو چتاءُ
چنڊ جو ڪيڏو چتاءُ!
پر بگهڙ جو.ڊپَ - ڏاءُ!

*

سجَ ۾ ميچيءَ چلر

کيترو چمڪن پيا!

هي آڏيءَ تي ڪير تو ٻيرا ٽئي ڪنهن کي خبر!

ڪيستائين تا وين هي جڳ جڳانتر جا چڪر؟

ڪيستائين موت ۾ ماڻهو وڃي تو پائي پرَ؟

ڇا نہ ٻي ڪنهن هنڌ آهن پونءِ وانگر جال جرَ؟

ڇا ڪٿي ٻي جاءِ تي ميچيءَ چلر،

ايترو چمڪن پيا؟

*

آدميءَ جو آدميءَ جي لاءِ پيار
ان جيان مذهب نہ آهي
ڪيترو اظهارُ نفرت جو ٿئي ٿو موتمار!
سچ لٿو، سانجهي پئي جئن ڏٺ ڪٿي نڪتو ڏنار
دور چوٽرو ٿو ڪري هن لاءِ ڪيڏو انتظار!
واٽ ويندي شال ويريءَ جو ٿئي هن تي نہ وارُ!

*

چُرندا پرندا ڪيترا اکين ڪان انڌا
هن ساري سنسار ۾!
جي ڏسبو سڀ جوٽ ها دنيا جا ڌنڌا
هن ساري سنسار ۾!
موت مٺايا ماڻهئو سڀ سيڙها سنڌا
هن ساري سنسار ۾!
ڪانڌي ڪن ڪي ٿا چئو، ڏيندا جي ڪَنڌا؟
هن ساري سنسار ۾!

*

زندگيءَ جو خومچو،

چوٽ تائين تو پرين!

زندگي ڇا لاءِ آھي جو نہ سوچين تو اِھو؟

ڪيئن ڇئجي موت پنھنجي جو پوي توکي دَھو!

آدمي پانيان تہ ويندو اوچتو ئي اوچتو.

سِجَ دريا ۾ چِتائي ڪو نہ ڪنھن کي آ بُڏو!

*

رات جي وڳڙي ۾ پنهنجو منهن لپيٽي تا ويون
ڪنهن طرف او ڪنهن طرف؟

راهه ۾ وَلهار ساوا هئن چپيٽي تا ويون،
ڪنهن طرف او ڪنهن طرف؟

چنڊ جي چانڊاڻ کي چالاءِ ريٽي تا ويون،
ڪنهن طرف او ڪنهن طرف؟

مُنهن ائين ڇا لاءِ هن دنيا کان ميٽي تا ويون
ڪنهن طرف او ڪنهن طرف؟

*

لوءِ ۾ ايڏي لباڙَ!
هيڪلوئي تون لڏيندين.

آ فنا سڀ جو مقدّر نيٺ جُهرندا سڀ پهاڙ
لوءِ ۾ ايڏي لباڙَ!

خواب جئن محسوس ٿيندي، جا بہ سهندو جيءُ جاڙ
لوءِ ۾ ايڏي لباڙَ!

آهہ ٿورا ڏينهڙا هن زندگيءَ جي چيڙ چاڙ
لوءِ ۾ ايڏي لباڙَ!

ٿي چڏي آخر چباڙي موت جي سڀ کي مهاڙ
لوءِ ۾ ايڏي لباڙَ!

*

آنءُ چاڻٺهار تنهنجي دائري ۾ آهيان،
تون تہ سڀ ڄاڻين پيو.

ٿاهہ جيڪي ٿاهيان يا ڊاهہ جيڪي ڊاهيان،
تون تہ سڀ ڄاڻين پيو.

ڇا ضرورت آهہ پنهنجي پاڻ تي مان ٻاهيان،
تون تہ سڀ ڄاڻين پيو.

تو ئي روڪڻهار آن ڪيڏانهن ٿو مان ڪاهيان،
تون تہ سڀ ڄاڻين پيو.

ڪاش! مون ڪان ٿي سگهي جو بارَ تنهنجا لاهيان،
تون تہ سڀ ڄاڻين پيو.

*

مون ملي کھڙو اَجُر

آنءُ سارو ڏوھہ آھيان.

ھي ڏگر ڪا تي ڪُٽي تو ، آ ڪٿي منھنجو نگر؟

آنءُ سارو ڏوھہ آھيان.

پنڌ ۾ ٿڪجي پيو ھان ، ڏور منھنجو آھہ گھر،

آنءُ سارو ڏوھہ آھيان.

سِجَ پاڻيءَ ۾ سمايو ، آ پُنو ھن جو سفر

آنءُ سارو ڏوھہ آھيان.

ڇو اچا تو مون مٿان ، آھي ڪيو ايڏو ڏمر

آنءُ سارو ڏوھہ آھيان.

*

ناقو روڪ تہ ڪملي وارا
توسان مان بہ هلان.

صحرا تي ڪيڏو سونهن تا
پوئين پهر هوا ۾ تارا
توسان مان بہ هلان.

منزل دور، اُسونهون آئون
تون ئي جاڻين سارا چارا
توسان مان بہ هلان.

ڪائي دور تجلي آهي
وهم نہ آهن چند اُمارا
توسان مان بہ هلان.

*

ڪيترو مون کي ستايو عمر پر تنھنجي خيال،
شام تي وئي.
دور تان مون کي نظر آيا نہ تنھنجا خدّو خال،
شام تي وئي.
تو وراڻيا ڪونہ جي توکان پڇيا تي مون سوال،
شام تي وئي.
جي نظر آيا تہ مون کي ڪجھہ نظر آيا مثال،
شام تي وئي.
آسدا تو ڏي نھاريو منھنجي ماضيءَ توڙي حال،
شام تي وئي.
آءُ تي نروار تون ، مون ڏانھن ڏِس حسينِ لازوال!
شام تي وئي.

*

ماءُ جي چاتيءَ مٿان هي تج ڏائڪ ٻارڙو،
هي بہ هڪ تصوير آ.

ٻيءُ پوڙهي ٻاغ مان آندو ڪجين جو ڪارڙو،
هي بہ هڪ تصوير آ.

مينُهن سانوڻ جو پوي ٿو، ٿو وهي نيسارڙو،
هي بہ هڪ تصوير آ.

ڪٿي چڳا ريڙهن وري؟ آ چِڪ سارو چارڙو!
هي بہ هڪ تصوير آ.

ٿي ٿئي رم جهم مٿان ٽِم ٽِم ڪري هر تارڙو،
هي بہ هڪ تصوير آ.

ڪر ڀلارا ڀال پنهنجا، ٿو چوي ويچارڙو،
هي بہ هڪ تصوير آ.

*

تون ڪتيون جيڪو نڪيڙي،
پاڻ کي پڌرو ڪرين.

۽ ستارن ڪوهه گيڙي،
پاڻ کي پڌرو ڪرين.

باک جوتن کي سهيڙي،
پاڻ کي پڌرو ڪرين.

انب جو پو پور ميڙي،
پاڻ کي پڌرو ڪرين.

جهول پنهنجيءَ کي پکيڙي،
پاڻ کي پڌرو ڪرين.

۽ چئي هي ”ڏس اڙي ڙي!“
پاڻ کي پڌرو ڪرين.

*

تو هڪ سِتَ سِٽي ميان، هُن بي سِٽي سِتَ،
ڳوڙهيون ڳالهيون ڳجھ جون.

چاهي تنهنجي جندڙي؟ پاڻيءَ متي چِٽَ،
ڳوڙهيون ڳالهيون ڳجھ جون.

متيءَ کھڙي مائٽي؟ مِٽَ بہ کھڙا مٽ!
ڳوڙهيون ڳالهيون ڳجھ جون.

ڪئن چئجي تقدير ۽ موتَ ڪڏهن ٿين ٻِٽَ!
ڳوڙهيون ڳالهيون ڳجھ جون.

*

اڪ تہ آهي انڌي ٽيندي،

دل جي ديد وڏي شيءِ آهي.

هر ماڻهوءَ جو انت بہ ايندو عمر شفق وانگر ڇائيندي
انڌياري ۾ تنهنجي ڪارڻ ڪهڙي چيز ڏياٽي ٽيندي
عمر مٽان ويساهہ نہ آهي عمر تہ آهي ايندي ويندي

دل جي ديد وڏي شيءِ آهي.

*

هي ڏسو اونديون چٽيون،
سِر نہ تي سِر سان ملي!
تيون تعجب مان نهارن اُپ مان تن ڏي ڪتيون
سِر نہ تي سِر سان ملي!
ڪير زرگر آهہ جنهن جون ايتريون ريٽيون رتيون؟
سِر نہ تي سِر سان ملي
اُپ جي ڪاري رليءَ ۾ ڪنهن اُٽيون ايڏيون چٽيون؟
سِر نہ تي سِر سان ملي!
ڪيتريون وَر وَر برن پيئون هوائن ۾ بتيون،
سِر نہ تي سِر سان ملي!
تو اِجا سمجهيو نہ آهي چو مُنجهيون تنهنجون متيون؟
سِر نہ تي سِر سان ملي!

*

چار پَل هي ڇهڇٽا
زندگي رهڻي نہ آهي
ريشمي تنهنجون نهارون پٽ جئن تنهنجا ڳِٽا،
زندگي رهڻي نہ آهي
وقت جئن پورو ويو تي ياڳ هر ڪنهن جا ڦٽا،
زندگي رهڻي نہ آهي
پوءِ سڀ اونا اجايا ڪوٽ سارا ڪٽڪِٽا،
زندگي رهڻي نہ آهي
چانڊنيءَ ۾ چنڊ تہ هي ڪنهن جا هڏا آهن ڇِٽا،
زندگي رهڻي نہ آهي

*

موت کان ڪوئي فرارُ؟
ڪوبہ ناهي ڪوبہ ناهي.

جو ابد تائين هلي سو شاهڪار
ڪوبہ ناهي ڪوبہ ناهي.

تو وجي ڪيڏانهن ايڏو رهگذار؟
ڪوبہ ناهي ڪوبہ ناهي.

ڪيستائين هي جواني ڪندين گلعذار؟
ڪوبہ ناهي ڪوبہ ناهي.

سمنڊ جون ڇوليون ڏسين ٿو بي ڪنارُ؟
ڪوبہ ناهي ڪوبہ ناهي.

ڇڙ تہ هي تنها سفر آهي اَپارُ
ڪوبہ ناهي ڪوبہ ناهي.

وِير تي آيو نظر ڪوئي سوار؟
ڪوبہ ناهي ڪوبہ ناهي.

*

سڀ فنا ، تو جي ڪيا ڪارا پنا،
سڀ فنا.

ڪيتري انسان ۾ آهي آنا!
سڀ فنا.

تو ڇلي درياهه ، ڳولين تو ڏنا!
سڀ فنا.

موت ڪان ڪهڙا ڇپر ، ڪهڙا ڇنا؟
سڀ فنا.

*

اُٿ هاڻ لڏي هَل وڃجارا
هي ديس ٻہ کھڙو ديس آهي!

ڪنهن توکي روڪيو آهي هِت هي آخر ڪنهنجو ڪيس آهي،
هي ديس ٻہ کھڙو ديس آهي!

تون هاڻي ويس متاء "ميان" هي ويس نہ تنهنجو ويس آهي
هي ديس ٻہ کھڙو ديس آهي!

ڪو هِن مان سيءُ نہ لهڻو آ ڪيڏو نہ پراڻو ڪيس آهي،
هي ديس ٻہ کھڙو ديس آهي!

*

ڪيئن تا مرجهائجن سي، ڪاش ڪوئي گل ڏسي!
سونهن ساري ڪوڙ آهي.

ڪامٽي ڪومائجي وئي، مرگهه نٽني سا ڪتي،
سونهن ساري ڪوڙ آهي.

آهه ڪو انسان جيئين چانڊني آ سمنڊ تي؟
سونهن ساري ڪوڙ آهي.

چا ڪڏهن ويچائيو آ تو فنا جي راز کي؟
سونهن ساري ڪوڙ آهي.

ماڻ جي ماٽين سگهين تون، ڏينهن جوين جا ٻـ ٽي،
سونهن ساري ڪوڙ آهي.
سونهن ساري ڪوڙ آهي.

*

ڇو ٻُڌاپي ڪان ٻچان؟
انت جي سپ جو اِهو آ.

ڇِتءَ ۾ جو ٽو اچي، ڪنهن ڪان پڇان؟
انت جي سپ جو اِهو آ.

راتڙيون ڇالاءِ ٽو مان هٿن لڇان؟
انت جي سپ جو اِهو آ.

تون ڪٽي مون کي ميڻدين، جي ڪُڇان!
انت جي سپ جو اِهو آ.

*

يادِ خدا ۾ گهار او مَنوا!
ياد خدا ۾ گهار.

سارا خام خيال ڪڍي ڇڏ
سارا خبط وسار او منوا!
ياد خدا ۾ گهار.

ڊل درياهہ محبت جو تي
ڇُلڪي ٽارئون تار اومنوا!
ياد خدا ۾ گهار.

جوٽي جڳ سان ڪهڙو ناتو؟
پنهنجو پاڻ سنوار او منوا!
ياد خدا ۾ گهار.

جي اک ٻوٽ تہ ڪجھ بہ نہ آهي
پِن پِن هي بازار او منوا!
ياد خدا ۾ گهار.

ڪنهن سپني جئن لڙهندي
رهندي هر شيءِ ڪارونپار او منوا!
ياد خدا ۾ گهار.

*

ڪِلي ڪائي وٽ
جيئڻ تورا ڏينهرا.
ڪيرائيندو پَٽ تي نيٽ تہ توکي هَٽ.
انت تہ مٽي آهہ هي سارو ٺانگر ٺٽ.
ڪوبہ نہ آهي پاڻ جان ماڻهو تولئہ مٽُ.

*

هي اکيون جيڪي اجايل، آ انهن ۾ سيٽپو
هي اکيون جيڪي اجايل.

چڙ تہ ھو گڏجي ڦسن ٽيون ، آ اُنهن کان دور جو
هي اکيون جيڪي اجايل.

ڏسُ اوهان کان چڙ پچن ٽيون ، اي هوا ۾ بادلو!
هي اکيون جيڪي اجايل.

آهہ ساڳو خواب جيڪو تو منجهن سنجري پيو
هي اکيون جيڪي اجايل.

*

موت جو ڪارو گلاب
جڻ ڇٽِي خوشبو ڏئي ٿو.
اوچتو پيرِي اچي وئي جيئن مرجهايو شباب.
ٿو شفق مان هيٺ اُڏري جهڙپ ڏيئي ڪو عقاب.
ايئن ڏسجي ٿو گهٽا ۾ آهه جڻ ڪو ماهتاب.

*

رات پر ڏاڙھونءَ جي وَڻَ
چنڊ ڏي چو تي ڏٺو؟
ننڊ مان جاڳي پکڙ
چنڊ ڏي چو تي ڏٺو؟
پاڻ مان ڪنھن جي وڃڻ
چنڊ ڏي چو تي ڏٺو؟
نيٺ ميتا سان ميڻ
چنڊ ڏي چو تي ڏٺو؟

*

اُٿ جاڳ مسافر ننڊ منجهان
هن وقت وڃڻ جو ويلو آ.

جت ميل نه ڪائي دل دل سان، سو ميلو ڪهڙو ميلو آ،
هن وقت وڃڻ جو ويلو آ.

انسان اڪيلو آيو آ، هو ويندي وقت اڪيلو آ،
هن وقت وڃڻ جو ويلو آ.

هي دنيا ساري ڪوڙي آ ۽ جوڙو جيءَ جهميلو آ،
هن وقت وڃڻ جو ويلو آ.

*

چامشوري ۾ نہ وڃ
ڪجھ هوائن ۾ هُري تو
۽ پکين جي ٻولڙين ۾ ڪجھ ٻُري تو
ايترين ساروڻيون جو مَن ڪُري تو
ڪيئن ڇئجي چا گُهري تو!
چامشوري ۾ نہ وڃ!!

*

مان نہ هوندس،
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
ڪنهن ڪَتيءَ جي شاخ تي جنهن وقت آکيرو اڏيندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
گيت ڳائيندينءَ جڏهن منهنجا تہ تو وٽ آنءُ ايندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
اوڙڪون تي رات پر رابيل مان تو لاءِ نيندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
رات جي رائي جڏهن ٽڙندي تڏهن هٻڪار ڏيندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
آنءُ تنهنجي زندگي هان موت ۾ ڪٿ مُنهن مٽيندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.

*

تون نہ ايندين، تون نہ ايندين، جيئري منهنجي نہ ايندين
تون نہ ٿيندين، تون نہ ٿيندين، ڏک ۾ ڪو ڏڍَ ڏيندين!
تون تہ نيندين، تون تہ نيندين، تون تہ منهنجي ننڊ نيندين
مان چوان ٿو روز مان لکندس پيو جي تون سڏيندين
چئہ منهنجو تون تہ آهين، چئہ ڪٿہ مون ڪان ڪسيندين؟
نيٺ ايندين!
نيٺ ايندين!

*

شعر منھنجا آسمانن مان اچن ٿا
ڪئن چوان ڪھڙي جھانن مان اچن ٿا!
جئن پکي منچر مٿان ڏوران لھن ٿا
*يا شفق جا جيئن پاڇا ھيٺ لھرن ۾ لڏن ٿا
جڻ ڏکڻ جي واءُ ۾ رابيل وانگر ھو ٽڙن ٿا
ڪيتري خوشبو ڇڏي ھو آسمانن ڏي ورن ٿا
جن جھانن مان اچن ٿا
تن جھانن ڏي ورن ٿا

*

* نوٽ: ھي ٽي سٽون بي وزن ٿي آھن، پر مترنم لڳن ٿيون.

تون تہ پوريءَ ننڊ ۾ آن،
آنءُ تنهنجو خواب آهيان.

آنءُ خوشبو ۾ ٽڙان ٿو رنگ جو سيلاب آهيان،
آنءُ تنهنجو خواب آهيان.

مان پرندا، مان اُڏارون، جت لهان تالاب آهيان،
آنءُ تنهنجو خواب آهيان.

ڪيترو ويجهو رهي توکان پري بيتاب آهيان،
آنءُ تنهنجو خواب آهيان.

تون صراحي آنهہ مون لئہ، مان شرابِ ناب آهيان،
آنءُ تنهنجو خواب آهيان.

بحر! تو ۾ ئي وڃان ٿو آب ۾ مهتاب آهيان،
آنءُ تنهنجو خواب آهيان.

هَل وَري موري هلون،
هَل تہ هن جي لاءِ پنهنجو گهاٽ گهر گهوري هلون
اڄ تہ هن پيري ڪليجو پاڻ مان ڪوري هلون
اڄ پرينءَ جي پارِ پنهنجي جيءَ کي جهوري هلون
هيل پنهنجي زندگاني تند سان توري هلون
هل وري موري هلون!

*

تي پوي برسات ، تون هاٽي نہ وَڃ،

ڪوبہ تارو ڪونہ آهي، آ انڌيري رات،
تون هاٽي نہ وڃ.

ڪابہ تو پوري ڪئي، مون سان نہ آهي بات،
تون هاٽي نہ وڃ.

تو بنا ياري لڳن تا مون پيا اوقات،
تون هاٽي نہ وڃ.

ڪئن چوان مان چانڊنيءَ کي چو اچي وئي مات،
تون هاٽي نہ وڃ.
تون هاٽي نہ وڃ.

*

ياد آهي ساڳ ٻيلو،
ٻيڙين منجهان ٽيون هو لهن، چوڙيون پيون ڇمڪاٽ ڪن
ڪا ڇڪَ آهي چانوَ ۾ جڻ ساڳ ٻيلي جي وڻن
هُو پڙا جيڪي هوا ۾ ڪوڪ ڪونه تا ڏڙ ڪي ڏِڪن
هُو روا ڇاتين مٿان ڦڙ ڦڙ ڪري تا جئن هڻن
جڻ پلا مُندائتا تن مان ٽپڙڪا تا ڏين
شِو راتڙيءَ جو آهه ميلو.
ياد آهي ساڳ ٻيلو.

*

هي بہ گهرجي، هو بہ گهرجي، هي هجان ۽ هو هجان!

ديس سارو چڙ ندي آ، پر نٽو ڏاپين اجان!
هي هجان ۽ هو هجان!

هي نٽو سوچين متان مان اڄَ اوتيندو مران!
هي هجان ۽ هو هجان!

هي نہ تو سوچين ڪَلِي مون ڪانہ ڪنئي آ پاڻ سان،
هي هجان ۽ هو هجان!

هي نہ سوچيئہ هن سفر تي مان اِئين ڪئن تو وِيان!
هي هجان ۽ هو هجان!
پاڻيءَ سَوا ڪئن تو وِيان!
پاڻيءَ سوا ڪئن تو وِيان!

*

---

نوٽ: هن وائيءَ جي سٽن ڪي بہ وزن آهن.

ڏيھہ ڏيوالو، انهيءَ ڪان چا گهُري گهُرندين ميان!

آھہ ڪيڏي پيھہ، اُن ۾ ڪنهن طرف سُرندي ميان!
ڪيترو سادو لڳين تو! سون ۾ تُرندين ميان؟
جي ڪِري ڪا پِڪ ٻين سان تون بہ گڏ پُرندين ميان،
چا ٿيو جي تون صديون پيو هانوَ ۾ هُرندين ميان!
ڪيترو ڪُرندي ميان!
چا گهُري گهُرندين ميان!

*

وڻ تہ ڪو اُلڪو نہ آ ڦولار جو
گل ڦٽي خود ٿا پوَن

چنڊُ نديءَ ۾ وڃي ٿو ٻَن نہ پاڻيءَ ۾ ٻڏن
سمنڊ جو اونو نہ لهرون ڪن جڏهن اڳتي وڌن
باڪ ٿي آ، ٿا پڪي ڇھ ڇھ ڪري تاريون ٽپن
جڻ اُداسن ٿا اُهي ، جڻ الوداع آهي وٽن
ٿيون جھلن تاريون هٿن جان ڪونہ ٿيون تن ڪي جهلن
فڪر ڇاجو ، سوچ ڪھڙي ، سڀ اُداسي ٿا وڃن
ڇو پيا ڳٽيءَ ڳرن
شھر ۾ ماڻھو گھرن
گل ڦٽي خود ٿا پون.

*

هٽَ ۾ جهڙ جو وَٽو، ڏوڏو، بڪايل ٻارڙو
هي بڪايل ٻارڙو.

تو وچين پچرو ڪٽي، جنهن ۾ تترڙو ڪارڙو،
هي بڪايل ٻارڙو.

پنڌ ۾ لاهي مٽي تان هو مڇين جو ڪارڙو،
هي بڪايل ٻارڙو.

تو گراهڪ لاءِ واجهائي پيو ويچارڙو،
هي بڪايل ٻارڙو.

*